# منهنجا خواب ڪنهن چورايا؟

زندگي ۽ ڪاروبار ۾ ايندڙ
تبديلين کي منهن ڏيڻ جو
نرالو انداز


ڊاڪٽر اسپينسر جانسن
ترجمو: حيدر علي ڏاريجو


مشهور ترين ڪتاب "هڪ منٽ ۾ مينيجر" جي
ليکڪ جي قلم مان هڪ انوکي لکت

منهنجا خواب
کنهن چورايا ؟

# منهنجا خواب ڪنهن چورايا ؟

هي ڪتاب ڪاروبار ۽ زندگيءَ ۾ ايندڙ تبديلين کي منهن ڏيڻ لاءِ، بيشمار ننڍن وڏن ادارن ۾ ڪم ڪندڙ عورتون ۽ مرد ڪتب آڻي رهيا آهن. انهن ۾ خاص هيٺيان ادارا شامل آهن:

ايبٽ ليبارٽريز (ABBOTT LABS)
باش ۽ لمب (BAUSCH & LOMB)
بيل سائوٿ (BELL SOUTH)
برسٽل مائر اسڪوائب (BRISTOL MYERS SQUIBB)
سٽي بينڪ(CITIBANK)
چيز مينهٽن (CHASE MANHATTAN)
ايسٽ من ڪوڊڪ(EASTMAN KODAK)
ايگزون (EXXON)
جارجيا پئسفڪ (GEORGIA PACIFIC)
جنرل موٽرز (GENERAL MOTORS)
گڊايئر (GOODYEAR)
گري هائونڊ (GREYHOUND)
ليوسينٽ ٽيڪنالاجيز (LUCENT TECHONOLOGIES)
ميڊ جانسن (MEAD JOHNSON)
ميريوٽ (MARRIOTT)
موبل (MOBIL)
اوشين ايرنگ (OCEANEERING)
اوهايو اسٽيٽ يونيورسٽي (OHIO STATE UNIVERSITY)
اسٽيٽ فارم(STATE FARM)
ٽيڪسٽرون (TEXTRON)
ٽيڪساڪو (TEXACO)
ورل پول (WHIRLPOOL)
زيروڪس (XEROX)
گرجا ۽ اسپتالون (CHURCHES AND HOSPITALS)
سرڪاري ادارا (GOVERNMENT AGENCIES)
آمريڪي فوج (UNITED STATES MILITARY)

ڪڏهن ڪڏهن ئي اهڙا ڪتاب شايع ٿيندا آهن، جيڪي هڪ ئي ڏڪ سان مستقبل جا پيڪڙيل سپ در ڪولي ڇڏيندا آهن. ”منهنجا خواب ڪنهن چورايا؟“ جي مطالعي ڪجهه اهڙوئي تاثر ڇڏيو آهي، جڇڻ اسپنسر جانسن منهنجي زندگيءَ ۾ ريڙهيون پائيندڙ، نه ڏسڻ ۾ ايندڙ تبديلين جي لاءِ منهنجيون اکيون کولي ڇڏيون آهن. نئين صديءَ جي لاءِ هن ڪتاب جو مطالعو ڏاڍو ضروري آهي.

**ڊيوڊ اي هينان : بورڊ ميمبر**
David A. Heenan, Board Member
**پيٽر ايف ڊروڪر گريجوئيٽ مينيجمنٽ سينٽر**
PETER F. DRUCKER GRADUATE
MANAGEMENT CENTER

هرڪو ڄاڻي ٿو ته ڪاروباري زندگيءَ ۾ تبديلي هڪ ضروري عمل آهي. پر ڪي ٿورڙا ماڻهو ئي پنهنجي زندگيءَ ۾ ٿيندڙ تبديلين کي هڪ حقيقت طور قبول ڪن ٿا. ”منهنجا خواب ڪنهن چورايا؟“ هڪ عام رواجي ۽ سمجهه ۾ ايندڙ نقشو آهي، پر رڳو انهن لاءِ جيڪي پنهنجي زندگيءَ ۾ ٿيندڙ تبديلين سان مهاڏو اٽڪائڻ چاهن ٿا.

**مائيڪل مورلي: سينيئر وائس پريزيڊنٽ**
Michael Morley,Vice President ,
ايسٽ مين ڪوڊڪ
EASTMAN KODAK

مان ڏسان ٿو ته هيءَ آڪاٽي مان پنهنجن پٽن ۽ پوٽن کي پرندڙ باهه جي پر ۾ ويٺو پڙائي رهيو آهيان ۽ اهي هن اهم ڪتاب جي نڪتن کي چڱي طرح سمجهي رهيا آهن.

**ليفٽيننٽ ڪرنل وائن واشر**
Lt. Col. Wayne Washer
يروناٽيڪل سائنس سينٽر آمريڪا رائيٽ پرسن اي.ايف.بي
AERONAUTICAL SCIENCE CENTER, WRIGHT
PATTERSON AFB

جيئن ئي مون ڪتاب ”منهنجا خواب ڪنهن چورايا؟“ پڙهي پورو ڪيو ته مون ترت هن ڪتاب جون ڪوڙ ساريون ڪاپيون گهرائي

ٽيڪنيڪل شعبي جي ڊائريڪٽرن ۾ ورهايون ته جيئن اهي لڳاتار ٽيندڙ تبديلين سان منهن ڏئي سگهن. جهڙوڪ گروپن جي نئين سر جوڙ جڪ نين منڊين جي واڌ ويجهه شامل آهي. مان اميد ڪيان ٿو ته اهي به پنهنجن دوستن لاءِ ائين ڪندا.

**جون بينڪس : ڪارڪردگي وڌائڻ جو ماهر**
Joan Banks, Performance Effectiveness Specialist
ورل پول ڪارپوريشن
WHIRLPOOL CORPORATION

ڊاڪٽر جانسن جي ٻين سمورن ڪتابن جيان "منهنجا خواب ڪنهن چورايا؟" زندگي جي رواجي حقيقتن سان ڀريل آهي، جن کي ڏاڍي سولائيءَ سان قبول ڪري سگهجي ٿو. اسان ٻنير جي اصطلاح کي يونيورسٽيءَ جي تربيتي ويهڪن ۾ پڙهائي رهيا آهيون ۽ هونءَ به اسان جڏهن پنهنجن گهرن ۾ ٻنير سرڪائڻ جي لاءِ جهپڙون ڏيندا آهيون ته ان عمل منجهان هڪ قسم جو مذاق پڻ ماڻي وٺندا آهيون.

**ڪيٿي ڪليو لينڊ بل: ڊائريڪٽر ٽريننگ**
Kathy Cleveland Bull, Director of Training
اوهايو اسٽيٽ يونيورسٽي
OHIO STATE UNIVERSITY

منهنجا خواب ڪنهن چورايا؟ نالي ڪتاب منهنجي زندگي کي اصلي سري کان ئي تبديل ڪري ڇڏيو آهي. هن ڪتاب نه رڳو منهنجي نوڪري بچائي ورتي پر مون لاءِ اڻ ڳڻيا نوان در پڻ کولي ڇڏيا، ۽ اهڙي ڪاميابيءَ سان همڪنار ڪري بيهاري ڇڏيو. جن بابت مان فقط خوابن منجهه ئي سوچي پئي سگهيس.

**چارليز جونز**
Charlies Jones, Hall of Fame Sportscaster
اين بي سي ٽيلي ويزن
NBC TELEVISION

مون اهو پڌو ته ڪمپنيءَ جي بورڊ اوچتو ڪمپني وڪڻڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي. نوڪريءَ جي تسلسل جي ڪا پڪ ڪانه هئي.

گڏ ڪاميابيءَ سان همڪنار لاءِ هن ڪتاب کي ڪتب آڻيندو.

**جان اي لوپيانو : سينيئر نائب صدر**
John A. Lopiano, Senior Vice President
زيرو ڊاڪيومنٽ ڪمپني
XERO DOCUMENT COMPANY

منهنجا خواب ڪنهن چورايا؟ ڪتاب اسان جن تربيتي ڪلاسن ۾ ڪتب ايندو. ڇاڪاڻ جو هي خطرن ۽ تبديلن جي خبر عام رواجي ٻوليءَ ۾ ڏئي ٿو. هن جو نياپو چٽو آهي. ۽ هن ۾ ڏنل ڪردار اڄ جي مڙوئي انڊسٽرين ۾ گهمندي ڦرندي ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

**سيلي گومبلز: بيل سائوٿ**
Sally Grumbles
BELLSOUTH

جڏهن کان مون پنير جي آڪاڻي پڙهي آهي. ۽ منهنجن ٻين ڪارڪنن انهيءَ تبديليءَ کي، جن سان اسان جو واسطو پوندو آهي. جن کي اسان پنهنجن خوابن جي چوري سمجهندا آهيون ۽ انڪري اسين سري کان تبديل ٿيڻ لڳندا آهيون ۽ نئين موقف کي پنهنجي لاءِ هڪ دل پسند ڪارج سمجهندا آهيون.

**ٽوپولنگ : صدر ڊويزن**
Topper Long, Division President
ٽيڪس ٽرون
TEXTRON

مان هي ڪتاب وڏ کان وڏ خريد ڪندو آهيان، ڇاڪاڻ جو هيءَ هڪ اهم آڪاڻي آهي. ۽ من ۾ امنگ اپارڻ جي هڪ بهترين ڪاوش آهي. هي ڪاروبار جي موضوع تي پهريون ڪتاب آهي. هي ڪتاب مان مسلسل پڙهندو رهندو آهيان. دوستن، گراهڪن ۽ ڄاڻ سڃاڻ وارن سان ڪچهرين ۾ هن جو ذڪر ڪندو رهندو آهيان.

**بروس ڪريگو : سينيئر وائس پريذيڊنٽ**
Bruce Crager, Senior VP
اوشننيئرنگ انٽرنيشنل انڪارپورٽيڊ
OCEANEERING INTERNATIONAL INC.

# *Books by Spencer Johnson, M.D*

THE VALUE OF DEDICATION: The Story of Albert Schweitzer
THE VALUE OF FANTASY: The Story of Hans Christian Andersen
THE VALUE OF UNDERSTANDING: The Story of Margaret Mead
THE VALUE OF HONESTY: The Story of Confucius
THE VALUE OF SHARING: The Story of the Mayo Brothers
THE VALUE OF SAVING: The Story of Ben Franklin
THE VALUE OF IMAGINATION: The Story of Charles Dickens
THE VALUE OF CURIOSITY: The Story of Christopher Columbus
THE VALUE OF COURAGE: The Story of Jackie Robinson
THE VALUE OF HUMUR: The story of Will Rogers
THE VALUE OF KINDNESS: The Story of Elizabeth Fry
THE VALUE OF PATIENCE: The Story of the Wright Brothers
THE VALUE OF BELIEVING IN YOURSELF: The Story of Louis Pasteur
THE VALUETALES SERIES FOR CHILDREN
"YES" OR "NO": The Guide to Better Decisions
ONE MINUTE FOR YOURSELF (formerly ONE MINUTE FOR MYSELF)
THE ONE MINUTE TEACHER (with Constance Johnson, M.Ed.)
THE ONE MINUTE FATHER
THE ONE MINUTE MOTHER
THE ONE MINUTE SALES PERSON (with Larry Wilson)
THE PRECIOUS PRESENT: The Gift That Makes You Happy Forever.
THE ONE MINUTE MANAGER (with Kenneth Blanchard, Ph.D.)

# منهنجا خواب ڪنهن چورايا؟

اوهان جي زندگي ۽ ڪاروبار ۾ تبديلي
ڪي منهن ڏيڻ جو نرالو انداز

ڊاڪٽر اسپينسر جانسن
ترجمو: حيدر علي ڏاريجو

تاج ٽريڊرس ڪراچي.

ڪتاب: منهنجا خواب ڪنهن چورايا ؟

ليکڪ: ڊاڪٽر اسپينسر جانسن

ترجمو: حيدر علي ڌاريجو

شائع ٿيڻ جي تاريخ: آڪٽوبر 2003ع

تعداد: هڪ هزار

هن ڪتاب کي تاج ٽريڊرس پاڪستان چوڪ ڪراچي شائع ڪيو.

سڀ حق ۽ واسطه ترجمي نگار وٽ محفوظ آهن.

# Who Moved My Cheese ?

By: Dr Spencer Johnson

Translated by: Hyder Ali Dharejo

Published By: Taj Traders

Pakistan Chowk Karachi.

Ph # 2210878

***The best laid schemes***
***o' mice and men***
***often go astray***

***Robert Burns***
***1759-1796***

---

*"Life is no straight and easy corridor along*
*which we travel free and unhampered,*
*but a maze of passages,*
*through which we must seek our way,*
*lost and confused, now and again*
*checked in a blind alley.*

*But always, if we have faith,*
*God will open a door for us,*
*not perhaps one that we ourselves*
*would ever have thought of,*
*but one that will ultimately*
*prove good for us."*

***A.J. Cronin***

# انتساب

منهنجي امڙ هدايت خاتون جي نالي

# منهنجا خواب ڪنهن چورايا ؟

## ترتيب


پنهنجي پاران ١٥
آڪاڻيءَ جي پس منظر جي ڪهاڻي ١٧
ڪينيٿ بلان شارڊ ( پي ايچ ڊي)

شڪاگو: هڪ گڏجاڻي ٢٥
هڪ آڪاڻي: ٢٩
آڪاڻيءَ جا چار ڪردار
پنير جي ڳولا
پنير جو گم ٿي وڃڻ
ڪوئا: سنف ۽ سڪري
ڇامڙا: هام ۽ هاه
ڳولا جي وقت جون ڪيفيتون
ڊپ ڪان آجائي
مهم جوئي جو مزو
پنير ماٽڙ لاءِ ڊڪ ڊوڙ
پٽ تي اُڪريل لڪٽيون
نئين پنير سان ڄاڻ سڃاڻ
تبديليءَ جو مزو
ان ڏينهن شام واري گڏجاڻي: ٨٠

# پنهنجي پاران

سڀ کان پهريان مان شڪرگزار آهيان محترمه نوشين جاويد امجد ايڊيشنل ڪمشنر انڪم ٽيڪس،جنهن مون کي جڳ مشهور ليکڪ ڊاڪٽر اسپينسر جانسن جو انگريزي ڪتاب "Who Moved My Cheese" پڙهڻ جو مشورو ڏنو.اسان ٻئي هڪ ئي محڪمي ۾ ملازمت ڪندا آهيون.انگريزي ڪتاب الڪل هڪ سو صفحن تي مشتمل آهي۽ وڏي ڳولا کان پوء هٿ آيو.اهو ڪتاب پهريون دفعو سن ٢٠٠٠ ۾ ڇپيو ۽ اڄ تائين ان جون هڪ ڪروڙ ڏهه لک کان وڌيڪ ڪاپيون وڪڻجي چڪيون آهن . موضوع جي لحاظ کان اهو ڪتاب بلڪل مختلف آهي جنهن ۾ اصلاح جو پهلو اجاگر ٿيل آهي. مون جيئن ئي انگريزي ڪتاب پڙهي ختم ڪيو ، سڀ کان پهرين منهنجي ذهن ۾ جيڪا ڳالهه آئي اها هيءَ هئي ته هن ڪتاب جو سنڌي ۾ ترجمو ٿيڻ کپي ته جيئن اسان جي پڙهندڙن کي پڙهڻ لاء ڪا نئين شيءَ ملي سگهي . هي ترجمو ٿيل ڪتاب جيڪو توهان جي هٿ ۾ آهي مسلسل ڇهن مهنين جي ڪاوشن جو نتيجو آهي. ترجمي ۾ ڪوشش ڪري آسان سنڌي لفظ استعمال ڪيا آهن ۽ مشڪل لفظن کان پاسو ڪيو ويو آهي.هي ترجمو مُنهنجي پهرين ڪوشش آهي اگر ڪوئي غلطي رهجي وئي آهي ته ان کي درگزر ڪندا.مان اُميد ڪيان ٿو ته هي ڪتاب موضوع جي نواڻ جي حوالي سان سنڌي ادب ۾ هڪ سٺو اضافو ثابت ٿيندو.

هي ترجمو ٿيل ڪتاب شايد مڪمل نه ٿي سگهي ها جيڪڏهن منهنجي گهر واري فرحانه ۽ ٻارڙن مصطفيٰ، اقصيٰ ۽ مجتبيٰ جو صبر ، مدد ۽ همٿ افزائي شامل نه هجي ها.

آخر ۾ مان پنهنجن ٻن دوستن انعام عباسي ۽ عرفان احمد جو ٻه وڏ ۾ وڏ شڪر گذار آهيان جنهن جي مدد سان هي ڪتاب هڪ سهڻي شڪل ۾ وجود ۾ آيو.

hydərdharejo@hotmail.com حيدر علي ڌاريجو

٣ آڪٽوبر ٢٠٠٣

# آڪاڻيءَ جي پس منظر جي ڪهاڻي

ڪينيٿ بلان شارڊ: پي ايڇ ڊي
Kenneth Blanchard, Ph.D

”منهنجا خواب ڪنهن چورايا؟“ نالي آڪاڻيءَ جي پسمنظر جي ڪهاڻي ٻڌائيندي مان ان لاءِ به ڏاڍي خوش آهيان جو هي ڪتاب هاڻي مڪمل ٿي چڪو آهي ۽ اسان سڀني جي مطالعي، مزي ۽ ٻين سان تذڪري لاءِ موجود آهي.

گهڻا سال اڳ ”هڪ منٽ ۾ مينيجر“ نالي ڪتاب ڪان به اڳ اسپينسر جانسن جڏهن مونکي پنير جي آڪاڻي ٻڌائي هئي تڏهن ڪان ئي منهنجي خواهش هئي ته جيڪر اها آڪاڻي جلديءَ ۾ ڪتابي صورت ۾ ڇپجي پوي. اهي پل مونکي اڄا به چڱي طرح ياد آهن. هيءَ آڪاڻي شروع ڪان ئي مونکي ڏاڍي وڻي وئي هئي ۽ ايندڙ وقت ۾ به هيءَ مون لاءِ ڏاڍي مددگار ثابت ٿيندي.

”منهنجا خواب ڪنهن چورايا؟“ تبديليءَ جي باري ۾ هڪ آڪاڻي آهي جيڪا ڀوليلين ۾ جنم وٺي ٿي. جنهن ۾ چار دلچسپ ڪردار پنير جي ڳولا ۾ مصروف آهن. جڏهن ته هن آڪاڻي ۾ پنير کي انسان جي خواب خيال جي علامت طور ڪتب آندو ويو آهي. هي خواب اسان جي ڪاروباري لاڳاپن، دولت، سهڻي گهر ، آزادي، صحت، معاشري ۾ عزت، روحاني خوشي يا وري ڊڪڻ ڊوڙڻ ۽ گولف ڪيڏڻ جي باري ۾ به ٿي سگهن ٿا.

اسان سڀ ڄاڻون ٿا ته خواهشون ڇا آهن؟ ۽ اسان انهن جي ماڻڻ لاءِ هٿ پير هڻي رهيا آهيون ڇاڪاڻ جو انهن کي ماڻڻ ۾ ئي خوشي آهي

۽ جڏهن اسان انهن کي حاصل ڪيون ٿا ته اسان ان جا ٿي ٿي ويجون ٿا ۽ جي ائين نٿو ٿئي ته پوءِ اسان پوئتي رهجي ويجون ٿا. يا اسان جا خواب اسان کان کسيا ٿا وڃن ته پوءِ اهو واقعو شديد غم بڻجي ٿو.

آڪاٽي ۾ پوليلين جو علامت اها جاءِ آهي جتي اسين پنهنجن خوابن جي پوري ٿيڻ جي وٽ پڪڙ ۾ ڦاسي پوندا آهيون ۽ جتي پاڻ هاٽي موجود آهيون پوءِ اهو ڪو ادارو به ٿي سگهي ٿو. هڪ معاشرو جنهن ۾ اسان سڀ رهون ٿا يا زندگيءَ جا رشتا ناتا به ٿي سگهن ٿا.

هيءَ آڪاٽي جيڪا اوهان پڙهڻ وارا آهيو اها مون دنيا جي بيشمار ملڪن ۾ ڪيل پنهنجن تقريرن ۾ گهڻو تڻو ورجائي آهي. هيءَ آڪاٽي مختلف ماڻهن جي زندگين تي ڪيئن ۽ ڪهڙي اثر انداز ٿي، ان جي باري ۾ مان مختلف ماڻهن جون ڳالهيون ٻڌندي رهندي آهيان. اوهان ميجو يا نه، پر هيءَ ننڍڙي آڪاٽي ماڻهن جي زندگين، نوڪرين ۽ شادين کي بچائڻ ۽ اڳتي وڌائڻ ۾ گهڻو ڪتب آئي آهي.

بيشمار سچن واقعن منجهان هڪڙي ڪهاڻي چارلي جونز (Charlie Jones) سان لاڳاپيل آهي. جيڪو اين بي سي ٽي ويءَ جو مشهور ڪارڪن هو. جنهن ٻڌايو "منهنجا خواب ڪنهن چورايا؟" نالي آڪاٽيءَ ڪيئن سندس نوڪري بچائي ورتي. توڙي جو سندس براڊڪاسٽنگ جو ڪم گهڻو مختلف آهي پر اهي ڳڻ جيڪي هن سکيا آهن هر ڪو ڪتب آڻي سگهي ٿو.

واقعو ڪجهه هيئن آهي ته چارلي ڏاڍي محنت ڪري براڊڪاسٽنگ ۾ چڱو نالو ڪڍيو. پر هڪ ڏينهن سندس باس کيس چيو: "توکي ان جاءِ تان هٽائي ٻي جاءِ تي رکجي ٿو؛ هاٽي تون اولمپڪ راندين بجاءِ ترڻ ۽ پاڻيءَ ۾ ٽپي ڏيڻ وارين راندين بابت خبرون نشر ڪندين."
اهو ٻڌي هو وائڙو ٿي ويو. ڇاڪاڻ جو هو انهن راندين جي باري ۾ ڪجهه به نه پيو ڄاڻي. هو سمجهڻ لڳو ته سندس محنت جو قدر نه

ڪيو ويو. انڪري هو ڏاڍو چڙي پيو ايڏو جو اها چڙ سندس هر ڪم مان ڏيکارجڻ لڳي.

تڏهن ان کي ”منهنجا خواب ڪنهن چورايا؟“ نالي آڪاٽي ٻڌڻ جو موقعو مليو. آڪاٽي ٻڌڻ کان پوءِ ان کي پاڻ تي ڪل اچڻ لڳي ۽ ائين هن پنهنجي سوچ ۾ تبديلي آندي. کيس احساس ٿيڻ لڳو ته سندس باس ئي سندس خواب چورايا آهن. تڏهن هن ”جهڙو ديس تهڙو ويس“ واري چوڻيءَ تي عمل ڪيو. هن به نيون رانديون سکيون. کيس لڳو ته هر نئون ڪم هڪ نئين امنگ پيدا ڪري ٿو.

ٿورن ئي ڏينهن ۾ سندس باس کي هن جو سري کان مٿيل رويو ۽ جوش محسوس ٿيڻ لڳو ۽ پوءِ جلد ان کي سٺو ڪم ملڻ لڳو ۽ هاڻي هو ٻيهريان کان به وڌيڪ ڪامياب ڪارڪن تي سامهون آيو ۽ جلد ئي سندس نالو فٽ بال جي مشهور نشرڪارن جي ڳڻپ ۾ اچڻ لڳو.

ماڻهن جي زندگين تي هن آڪاٽيءَ ڪهڙا اثر ڇڏيا. ان ڏس ۾ گهٽائي واقعا عشق ۽ نوڪرين سان لاڳاپيل آهن ۽ ان مان ڪجهه منهنجي ڄاڻ ۾ پڻ آيا آهن.

”منهنجا خواب ڪنهن چورايا؟“آڪاٽيءَ جي پراسرار طاقت تي منهنجو ايڏو ته ويساهه آهي جو مون ڪتاب شايع ٿيڻ کان اڳ ئي مسودي جون ٢٠٠ ڪاپيون پنهنجي اداري ۾ ورهايون. ڇو؟
ڄاڪاڻ ته اسان به ٻين ادارن وانگر مستقبل ۾ ڏاڍي خبرداريءَ سان زنده رهڻ چاهيون ٿا. تنهن ڪري بلان شارڊ تربيتي ۽ ارتقائي ادارو لڳاتار تبديليءَ جي عمل مان گذري رهيو آهي. ڇوجو ٻيا ادارا اسان جو پنير چورائيندا رهن ٿا. ڪڏهن اسان وفادار ڪارڪنن جا گهرجائو هئاسين. پر هاڻي اسان کي سادن ذهنن جي شديد ضرورت آهي جيڪي روايت پسند به نه هجن.

اهو ته اوهان چڱي طرح ڄاڻو ٿا ته پرپاسي ٿيندڙ تبديلين واري ماحول ۾ ڪاروباري يا ذاتي زندگي ڪير به سک سان نٿو گذاري سگهي. جڏهن ته ماڻهن وٽ تبديلين سان هڪ ٿيڻ کان سواءِ ڪو ٻيو چارو ناهي هوندو، جو ڪين جلد سمجهڻ ۾ مدد ڏئي سگهي سو اڇو ۽ پنير جي آکاڻي ٻڌو.

جڏهن مان هيءَ آکاڻي ماڻهن کي ٻڌائي ۽ جلدي پوءِ ڪين "منهنجا خواب ڪنهن چورايا؟" ڪتاب پڙهڻ لاءِ مليو ته اهي ماڻهو سري کان ئي ناڪاري طاقتن کان بيزاري محسوس ڪرڻ لڳا. زندگيءَ جي هر شعبي مان بيشمار ماڻهو هن ڪتاب جي باري ۾ مهربانيون مڃڻ لاءِ مون وٽ ايندا رهيا ۽ مونکي ڪتاب جي فائدن بابت ٻڌائيندا رهيا. هن ڪتاب ڪين پنهنجن ادارن ۽ گهريلو زندگين ۾ تبديلين سان هڪ ٿيڻ ۾ وڏي مدد ڪئي. توهان يقين ڄاڻو ته هن ننڍڙي آکاڻيءَ جو مطالعو اوهان جو تمام ٿورو وقت وٺندو پر هن جو اثر مسلسل جاري رهندو.

جيئن جيئن اوهان هن ڪتاب جا پنا اُٿلائيندؤ ته توهان کي هن ڪتاب ۾ ٽي ڀاڱا ملندا.

پهريون:" پراڻن دوستن جي گڏجاڻي" (REUNION)
هن گڏجاڻيءَ ۾ دوست پنهنجين پنهنجين زندگين ۾ ٿيندڙ تبديلين جي باري ۾ ڳالهيون ٻڌائن ٿا.

ٻاڳو ٻيو: "منهنجا خواب ڪنهن چورايا؟" جيڪو هن ڪتاب جو اهم حصو آهي

ٽيون:" هڪ مڪالمو ( جنهن ۾ ان ويهڪ ۾ شامل ماڻهن جون ڳالهيون آهن) جنهن ۾ هو ٻڌائن ٿا ته هيءَ آکاڻي سندن زندگين ۾ ڇا

معنيٰ رکي ٿي؟ ۽ ڪهڙي طرح انهن هنن اصولن کي پنهنجين نوڪرين ۽ روز جي ڪار وهنوار ۾ ڪتب آندو.

هن ڪتاب جي مسودي کي ڪجهه پڙهندڙن آڪاٽيءَ جي پڇاٽيءَ ڪانپوءِ واري مطالعي کي رد ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي لاءِ هن نياپي جي نڪتن ۾ واڌارو ڪندا رهيا. وري ڪن پڙهندڙن مڪالمي جي مطالعي مان به مزو ماڻيو.

جڏهن ته آڪاٽيءَ ڪان پوءِ وارو مڪالمو اصل ۾ انهن جي سوچن کي جهنجوڙي ٿو ۽ ڪين اها واٽ ڏيکاري ٿو ته ڪيئن ۽ ڪهڙي طرح هو آڏو آيل صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ انهن اصولن کي ڪتب آڻي سگهن ٿا.

خير اوهان جيترا به ڀيرا ”منهنجا خواب ڪنهن چورايا؟“ کي پڙهندؤ ته اوهان کي هر دفعي ڪا نه ڪا نئين ۽ معنيٰ خيز ڳالهه ضرور ملندي. هي ڪتاب اوهان کي تبديلين سان هڪ ٿيڻ واري عمل ۾ مدد ڪندو ۽ اوهان کي ڪاميابيءَ ڏانهن وٺي ويندو پوءِ ڀلي توهان ڪهڙي به ڪاميابيءَ جا ڳولائو ڇو نه هجو.

مونکي اميد آهي ته توهان هن آڪاٽيءَ جي مطالعي مان مزو وٺندؤ. مان توهان لاءِ نيڪ تمنائن جي طلبگار آهيان.

متان وساريو: خواهشن سان گڏ گڏ اوهان کي ڪوشش ۽ تياريءَ ۾ هر دم مصروف رهڻ گهرجي.

# منهنجا خواب
# ڪنهن چورايا؟

# هڪ گڏجاڻي: شڪاگو ۾

هڪ چمڪندڙ روشن آچر تي شڪاگو (Chicago) ۾ گهٽائي ڪلاس فيلوز منجهند جي مانيءَ تي گڏ ٿيا. هونءَ اهي سڀ ڪلهه رات واري هاءِ اسڪول پاران سڏايل ”پراڻن شاگردن سان ملاقات“ واري گڏجاڻيءَ ۾ حصو وٺڻ آيا هئا. انهن جي زندگين ۾ گهڻو ڪجهه تبديل ٿي رهيو هو. اهي سڀ هڪ ٻئي جي باري ۾ ڄاڻڻ پيا گهرن. ماني کائڻ کان پوءِ اهي گهڻي دير تائين هڪ ٻئي سان ٻوڳ چرچا ڪندا رهيا ۽ پوءِ اها ڪچهري هلندي هلندي هڪ ڏاڍي سنجيده ۽ دلچسپ بحث ۾ مٽجي وئي.

اينجلا (Angela) جيڪا دوستن ۾ سڀني کان وڌيڪ مقبول هئي چوڻ لڳي: ” اهو سچ آهي ته جيئن مون عملي زندگيءَ جي باري ۾ اسڪول وارن ڏينهن ۾ سوچيو هو سو مون کي قطعي مختلف مليو. ۽ هاڻي ته ڄڻ سڀ ڪجهه بدلجي چڪو آهي.“

”ها! بلڪل ائين ئي آهي.“ ناٿن (Nathan) وچ ۾ ڇڪي ڏنو. جڏهن ته سڀني دوستن کي خبر هئي ته ناٿن خانداني ڪاروبار هلائي

رهيو آهي، جيڪو سندس چوڻ موجب اچا تبديليءَ جي عمل کان بچيل هيو ۽ بنا ڪنهن روڪ ٽوڪ جي هلندو ٿي رهيو. اتي جا ماڻهو ڪيس اهڙيءَ ريت گهٽي وقت کان ڏسندا پيا اچن. پر اڄ ناٿن جي ان ڳٽيءَ ڀري روبي تي سڀ حيران ٿي ويا. ان چيو: ”چا اوهان ان تي ڪڏهن ويچاريو آهي تہ اسان تبديليءَ سان گڏ تبديل ٿيڻ نٿا چاهيون.“

ڪارلوس (Carlos) چيو: ”منهنجي خيال ۾ اسان متجڻ ان ڪري نہ چاهيندا آهيون جو اسان تبديليءَ کان ڊڄون ٿا.“

”ڪارلوس تون تہ فٽ بال ٽيم جو ڪپتان هئين.“ جيسيڪا (Jessica) چيو. ”مون تہ اهو سوچيو ئي نہ هو تہ ڪو: اسان ڪڏهن تنهنجي واتان ڪا بزدليءَ واري ڳالهہ بہ ٻڌنداسين.“

جيئن ئي ڪين اهو ڪنڪو ٽيو تہ سندن ڳالهہ ٻولهہ پنهنجو مقصد وڃائي رهي آهي تہ سڀ گڏجي کلڻ لڳا. چاڪاڻ جو اهي سڀ گهر کان وٺي مختلف ادارن منجهہ ڪم ڪرڻ باوجود هڪ جهڙا احساس رکندڙ هئا. اڄڪلهہ هر هڪ پنهنجي پنهنجي زندگيءَ ۾ آيل اڻچاتل تبديلين مان نڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳو پيو هو. ۽ هن ميجيو تہ انهن وٽ ان مان نڪرڻ جو ڪو طريقو ناهي .

وري مائيڪل (Michael) چيو: ”مان تبديليءَ جي عمل کان ڏاڍو ڊنل رهندو هيس. هڪ ڏينهن اسان جي ڪاروبار ۾ بہ وڏي تبديلي اچي وئي. اسان کي اها خبر بنهہ نہ هئي تہ اسان ان تبديليءَ سان ڪيئن منهن ڏيون؟ اسان ان مونجهاري ۾ ڦاسي پياسين ۽ هوريان هوريان ڪاروبار اسان جي هٿن مان نڪرندو ويو.“

وري هُن چيو: ”پوءِ هڪ ڏينهن مون هڪ ننڍڙي پر مزاحيہ آڪاٽي

ٻڌي ۽ ان آڪاٽيءَ منهنجي زندگي ئي تبديل ڪري ڇڏي."

"ڪيئن؟" ناٿن سوال ڪيو.

"سچ اهو آهي ته تبديليءَ کي جنهن انداز ۾ مان ڏسندو هيس آڪاٽيءَ ان انداز کي تبديل ڪري ڇڏيو ۽ گهٽو وچائڻ ڪان ڪجهه پائنٽ ڏانهن وڪ وڌائي. آڪاٽيءَ مون کي ٻڌايو ته ان تبديليءَ کي ڪيئن ڪتب آڻجي؟ ان ڪان پوءِ جلد منهنجي ڪاروبار ۽ زندگيءَ ۾ حالتون بهتر ٿيڻ لڳيون."

"پهريان پهريان مون آڪاٽيءَ جي سادگيءَ ڪري ان کي نظر انداز ڪري ڇڏيو. چو ته اها آڪاٽي مون کي بلڪل به اهڙي پئي لڳي جهڙيون آڪاٽيون اسان کي اسڪول ۾ ٻڌايون ويندي‌ون هيون."

"ان ڪان پوءِ مون کي احساس ٿيو ته مان واقعي به عام رواجي شين تي ڌيان نٿو ڏيان ۽ ڪم ڪندي جڏهن شيون تبديل ٿين ٿيون ته انهن کي قبول ڪرڻ ڪان ڪيٻايان ٿو."

"جڏهن مون آڪاٽيءَ ۾ موجود چئن ڪردارن جي حقيقت کي ڄاتو جن جون مختلف خصلتون منهنجي عادتن سان ملندڙ جلندڙ هيون، مون فيصلو ڪيو ته مون کي به انهن وانگر ڪم ڪرڻ گهرجي ۽ پوءِ مون ۾ به تبديلي اچي وئي."

"بعد ۾ مون ان آڪاٽيءَ جي باري ۾ اداري جي ڪجهه ٻين ماڻهن کي ٻڌايو، انهن وري ڪجهه ٻين کي ۽ ائين اسان جي ڪاروبار ۾ وڏي ترقي اچي وئي. مون جيان گهڻن ٻين ماڻهن به ٻڌايو ته ان آڪاٽيءَ سندن گهريلو زندگيءَ ۾ وڏي مدد ڪئي. ڄاڪاڻ جو اسان سڀ تبديليءَ سان چڱيءَ طرح مطابقت (ADAPTION) ڪرڻ لائق ٿي وياسين."

"تنهن باوجود ڪي ماڻهو اهڙا به هيا جن چيو ته هنن هن مان ڪجهه به نه پرايو. اهي يا ته انهن سبقن ڪان اڳواٽ ئي واقف هئا يا انهن به ائين ڄاتو جيئن ٻيا عام ماڻهو ڏسي رهيا هئا جن جي سوچ هئي ته ڪين پهريان ئي هر شئي جي خبر آهي ۽ وڌيڪ سکڻ نٿا چاهن. اهي

اهو نہ ٻيا چاهن تہ ٻيا بہ ڪي انهن جي جي تجربن مان لاڀ پرائن.”
”وري جڏهن اسان جي سينيئر ايگزيڪٽوز مان هڪڙي جنهن ڪي پاڻ سلهاڙڻ ۾ بہ ڏکيائي ٿيندي هئي. تنهن چيو: آڪاٽي وقت جو زيان هئي. ٻين ماڻهن کي اهو چئي پنهنجي اهميت جتائڻ لڳو تہ هو چاڻڻ ٿا تہ آڪاٽيءَ ۾ ڪهڙو ڪردار جيڪو سندن شخصيت تي پورو ٿو اچي. ان جو مطلب اهو ٿيو تہ جيڪو ماڻهو نئين ڳالهہ نٿو سکڻ چاهي سو اصل ۾ پاڻ کي تبديل ئي ڪرڻ نٿو چاهي.“

”آڪاٽيءَ جو نالو ڇا آهي؟“ اينجلا پڇيو.

” ان آڪاٽيءَ جو نالو آهي:” منهنجا خواب ڪنهن چورايا؟“

سڀ دوست کلڻ لڳا. ” مونکي لڳو تہ آڪاٽيءَ هن محفل ۾ بہ پنهنجي جاءِ ٺاهي ورتي آهي.“ ڪارلوس چوڻ لڳو: ”ڇا تون اها آڪاٽي اسان کي ٻڌائيندين؟“

”ها، ڇو نہ! “ مائيڪل چيو: ”مونکي تہ ڏاڍي خوشي ٿيندي ۽ مان توهان کي اهو بہ ٻڌائي ڇڏيان تہ هيءَ آڪاٽي اوهان جو گهڻو وقت بہ نہ وٺندي.“ ۽ پوءِ هو ٻڌائڻ لڳو.

# هڪ آکاڻي

گهڻو وقت اڳي هزارين ميل پري هڪ ملڪ ۾ چار معمولي ڪردار رهندا هئا. هڪ ڏينهن اهي چارئي کاڌ خوراڪ ۽ پنهنجن خوابن جي پورائي لاءِ گهرن مان نڪتا ۽ پولپلين (MAZE) ۾ ڦاسي پيا.

انهن ۾ ٻه ڪوئا هئا جن مان هڪ جو نالو: سنف (Sniff) ۽ ٻئي جو سڪري (Scurry) هيو. ۽ ٻه ڇامڙا (LITTLE PEOPLE) هئا. جيڪي ٻه قد ڪاٺ ۾ ڪوئن جي ئي برابر هئا پر اهي انسانن جيان ڏسي ۽ ڪم ڪري پئي سگهيا. انهن جا نالا: هام ۽ هاه هئا.

پر اسان کي ان تي ڌيان نہ ڏيڻ گهرجي تہ اهي ڇامڙا ۽ ڪوئا پنهنجن ننڍڙن قدن سان ڇا ڇا ڪري سگهن؟ جي اوهان آکاڻيءَ جو چڱيءَ طرح مطالعو ڪندؤ تہ اوهان کي اڻڳڻيون عجيب ڳالهيون ملنديون.

هر روز چامڙا ۽ ڪوئا پوليلين ۾ خاص پنير جي ڳولها ۾ لڳي ويندا هئا.

سنف ۽ سڪري عام رواجي ذهن وارا پر ڪترڻ جا ڪوڏيا هئا. اها ئي تيز حس (GOOD INSTINCT) سندن پسنديده ڪائڻ واري پنير جي ڳولا ۾ خاص مدد ڪندي هئي.

ٻئي ڇامڙا هام(hem) ۽ هاه (hay) گوناگون خيالن سان پريل پنهنجن ذهنن ڪي ان پنير جي ڳولا ۾ ڪتب آڻيندا هئا. جنهن تي س جو اڪر اڪريل هو. جيڪو سندن سوچ موجب کين خوشي ۽ ڪاميابي ڏئي پئي سگهيو.

توڙي جو چامڙا ۽ ڪوئا مختلف شخصيتن جا مالڪ هئا پر پوءِ به انهن ۾ ڪي ڳالهيون هڪ جهڙيون هيون. هر روز صبح جو اهي ورزش واري ڊريس ۽ ڊوڙڻ وارا جوتا پائي پنهنجن گهرن مان نڪري پوندا هئا ۽ پنهنجي دل گهرئي پنير جي ڳولا ۾ پوليلين ۾ ڀٽڪندا رهندا هئا.

پوليليون بيشمار ننڍن ۽ وڏن ڪمرن جي ور وڪڙ رستن تي ٻڌل هيون، انهن ئي رستن منجهان ڪن جڳهن تي ڏاڍو مزيدار پنير موجود هو. پر ان جاءِ تي اونداهيون ڪنبون ۽ اڻڄاتل وراندا پڻ هيا جتي ڪجهه به نه هيو. لکي وڃڻ لاءِ هيءَ جاءِ ڏاڍي ڀلي هئي. پر جيڪي پنهنجي راهه ڪڍي وٺڻ جي سگهه رکندا آهن تن لاءِ هن جاءِ ۾ ٻين مزن جو سامان پڻ موجود هيو.

سنف ۽ سڪري سادا، سست ۽ غلطين مٿان غلطيون ڪرڻ ڪان پوءِ پنير ڳولهڻ جو طريقو سکي ويا هيا، اهي هڪ وراندي ۾ پهچي انڪي خالي ڏسي وري ٻي وراندي ۾ پئي پهتا.

سنف پنهنجي ڊگهي نڪ سان هر پاسي سنگهندو هو ۽ سڪري ان

جي اڳيان اڳيان ڊوڙندو رهندو هو. اهي انهن ورانڊن ۾ گهڻو ٽڻو غلط رستن ۾ نڪري گم ٿي ويندا هئا ۽ پٺين سان پيا مٿا هڻندا هئا.

ٻي پاسي وري چامڙا هام ۽ هاه پنهنجو الڳ طريقو استعمال ڪري رهيا هئا. انهن جو طريقو ان سوچ تي ٻڌل هيو ته ماضيءَ جي غلطين مان ڪهڙو سبق مليو آهي. هونءَ ته اهي ڪڏهن ڪڏهن پنهنجن خيالن ۽ ويساهه جي سگهه ڪري ذهني مونجهارو محسوس ڪندا هئا.

نيٺ هڪ ڏينهن پنهنجي اڻٿڪ محنت ڪري انهن اهو ڪجهه ڳوليو ورتو جنهن جي ڪين ڳولا هئي سندن خوابن جي پورائي واري جاءِ پنير اسٽيشن "س" وٽ آهي.

پوءِ هر روز صبح سان ڪوئا ۽ چامڙا ڊوڙڻ واري ڊريس پهري پنير اسٽيشن س ڏانهن نڪري ويندا هئا. ۽ ڪجهه ئي ڏينهن ۾ انهن اهو روز جو معمول بڻائي ڇڏيو.

سنف ۽ سڪري صبح سوير اٿڻ لڳا ۽ پوپلين ۾ ڊوڙندا رهندا هئا.

پهريان پهريان هام ۽ هاه به اتي پيل پنير جي ٽڪڙن مان مزا ماڻڻ لاءِ پنير اسٽيشن س ڏانهن ڊڪون پريندا رهيا.

پر ڪجهه ڏينهن کان پوءِ چامڙن وري مختلف عادتون اپنائي ورتيون.

هام ۽ هاه هاڻي دير سان اٿڻ لڳا ۽ آرام سان ٺهي سنبري پنير اسٽيشن "س" ڏانهن هوريان هوريان وڃڻ لڳا. ڇاڪاڻ جو ڪين اها خبر پئجي وئي هئي ته پنير ڪٿي آهي ۽ اهو ڪيئن حاصل ڪري سگهجي ٿو.

پر ڪين اهو معلوم نه هو ته اهو پنير آخر آيو ڪٿان ۽ هتي ڪنهن رکيو. پوءِ به انهن اهو طئي ڪري ڇڏيو ته اهو هاڻي هميشه ائين ئي اتي موجود رهندو. هر روز صبح جو هام ۽ هاه پنير اسٽيشن س تي پهچي ڊوڙڻ واري ڊيس ۽ جوتا لاهي چپل پائي پيا آرام ڪندا هئا. ۽ اهي ڏاڍا پرسڪون ٿي پيا هئا جو ڪين پنير ملي ويو هو.


پنير حاصل ڪري
اوهان
خوشي محسوس ڪريوٿا

”واهه! سائين واهه!!“ هام چوڻ لڳو. ”هتي ته هميشه لاءِ پنير موجود آهي.“چامڙا پنهنجي ڪاميابيءَ تي ڏاڍا خوش هئا ۽ سندن خيال هو ته اهي هاڻي هميشه لاءِ محفوظ ٿي ويا.

ڪجهه ئي ڏينهن ۾ هام ۽ هاه اهو پُور پچائڻ لڳا ته پنير اسٽيشن س تي موجود پنير سندن ئي ملڪيت آهي. اهو هڪ تمام وڏو گودام هو. ۽ اڳتي هلي انهن رهڻ به اتي ئي شروع ڪري ڏنو ۽ ان جي ويجهو ئي پنهنجي سماجي زندگي شروع ڪري ڏني.

پنهنجو پاڻ کي وڌيڪ پرسڪون رکڻ لاءِ هام ۽ هاه پٿين کي چوٽين ۽ پنير جي تصويرن سان سينگارڻ شروع ڪري ڇڏيو ۽ پوءِ پٺي اهي لڪٽيون ڏسي ٻهڪڻ لڳا. هڪ هنڌ لکيل هو:

"پنير حاصل ڪري اوهان خوشي محسوس ڪريو ٿا"

ڪڏهن ڪڏهن هام ۽ هاه پنهنجن دوستن ڪي پنير اسٽيشن" س" جو چڪر هٽائڻ لاءِ وني ويندا هئا ۽ اشارو ڪري وڏي فخر منجهان چوندا هئا: "واهه چا تہ خوبصورت پنير آهي." ڪڏهن هو پنهنجن دوستن ڪي بہ ذري پرزي ڏيندا هئا تہ ڪڏهن وري انڪار بہ ڪندا هئا.

"اسان ئي هن پنير جا اهل آهيون." هن ڪي حاصل ڪرڻ لاءِ اسان ڪي وڏي محنت ڪرڻي پئي هئي." اهو چئي هام هڪ اعليٰ ۽ تازي پنير جو ٽڪرو ڪٽي ڪاڏو.

۽ پوءِ هو سمهي پيو. اهو معمول هاڻي سندس عادت بڻيل هو. هر رات چامڙا پنير سان پيٽ ڀرڻ کان پوءِ گهر موٽندا هئا ۽ هر صبح وڏي اعتماد سان پنير کائڻ لاءِ نڪري پوندا هئا. گهڻي وقت تائين اهو سڀ ائين ئي هلندو رهيو.

ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ هام ۽ هاه جو اعتماد غرور ۾ مٽجي ويو ۽ اڳتي هلي هو اهڙا تہ لاپرواهہ ٿي پيا جو ڪين ڪابہ خبر نہ ٿي پئي تہ اوسي پاسي ڇا وهي واپري پيو.

وقت سان گڏ گڏ سنف ۽ سڪري بہ پنهنجي روزمره جي معمول ۾ مصروف رهيا. هو هر صبح پنير اسٽيشن "س" جي ڀر پاسي پنهنجين حرڪتن ۾ مصروف پئي رهيا ۽ اهو پئي نظر ۾ رکيئون تہ اوسي پاسي ڪهڙيون تبديليون ٿي رهيون آهن، ۽ پوءِ هو آرام سان پيا پنير ڪي ڪترينداا رهندا هئا.

هڪ صبح جڏهن هو پنير اسٽيشن "س" تي پهتا تہ ڏٺئون تہ پنير

غائب هو.

پر اهي ڪو گهڻو پريشان نہ ٿيا. ڇاڪاڻ جو سنف ۽ سڪري اڳ ئي محسوس ڪري چڪا هئا تہ هر روز پنير گهٽجندو ٿو وڃي. هو ڪنهن اڻٽيٽيءَ لاءِ ذهني طرح اڳ ئي تيار هئا ۽ ان ڪان بہ باخبر هئا تہ ڪين ڇا ڪرڻو آهي.

انهن هڪ ٻئي جي منهن ۾ ڏٺو. پنهنجا ڊوڙڻ وارا جوتا جن کي انهن هڪ ٻئي سان ٻڌي پنهنجين ڳچين ۾ لڙڪائي ڇڏيو هو، لاهي پاڻئون ۽ هڪ طرف هلڻ لڳا.

ڪوئن ان معاملي جو ڪو وڏيڪ تجزيو نہ ڪيو ۽ نہ ئي ڪن منجهائيندڙ خيالن ۾ ٻڌل هئا.

ڪوئن لاءِ مسئلو ۽ ان جو حل ٻئي آسان هئا. پنير اسٽيشن جون حالتون تبديل ٿي چڪيون هيون. تنهن ڪري سنف ۽ سڪريءَ بہ تبديل ٿيڻ جو فيصلو ڪيو.

انهن پنهي وري پوليلين ۾ ڳولا شروع ڪرڻ جو ارادو ڪيو. سنف پنهنجو نڪ مٿي ڪيو، سنگهيو ۽ سڪريءَ ڏي ڏٺو ۽ ڪنڌ لوڏيو. هن پوليلين ۾ ڊوڙڻ شروع ڪيو، جڏهن تہ سنف تيزيءَ سان ان جو پيڇو ڪندو رهيو.

هو هاڻي نئين پنير جي ڳولا ۾ مصروف هئا

ان ئي ڏينهن هام ۽ هاه بہ ٿوري دير ڪان پوءِ پنير اسٽيشن "س" تي پهتا. انهن ڪڏهن بہ آهستي آهستي ٿيندڙ تبديلين ڏي ڪو ڌيان نہ ڏنو هو.

انهن تہ اهو سوچي ڇڏيو هو تہ هاڻي پنير هتي هر وقت موجود هوندو. جيڪو ڪجهہ انهن ڏٺو تنهن لاءِ هو ذهني طرح بلڪل بہ تيار نہ هئا.

"پنير ڇو ڪونهي؟" هام رڙ ڪئي ۽ پوءِ هو لڳاتار رڙيون ڪندو رهيو. پنير ڪاڏي ويو؟ پنير ڪاڏي ويو؟ ان جو خيال هو تہ سندس

رڙين تي شايد ڪوئي اتي ٻيهر پنير ڪي رکي ويندو.

"منهنجو پنير ڪنهن چورايو؟" هن وڏي رڙ ڪئي.

آخرڪار هن پنهنجا ٻئي هٿ چيلهه تي رکيا. سندس چهرو ڳاڙهو ٿي ويو هو ۽ هن پنهنجي پوري طاقت سان روئڻ ۽ رڙيون ڪرڻ شروع ڪيون. "اهو ظلم آهي!"

هاه غير يقينيءَ مان ڪنڌ لوڏيو. هو به ان ئي سوچ تي هلي رهيو هو ته پنير اسٽيشن "س" تي هميشه موجود هوندو. صدمي ڪري هاه ڪيتري دير تائين بت بڻيو بيٺو رهيو. هو انهن حالتن لاءِ ڪڏهن به تيار نه هو.

هام ڇا لاءِ رڙيون ڪري رهيو هو؟ هاه اهو ٻڌڻ ئي نه پئي چاهيو. هو ته ان ڪيفيت سان مقابلو ڪرڻ لاءِ تيار ئي نه هو. هن اتي پيل سمورو سامان ڪڍي ٻاهر اڇلي ڇڏيو.

چامڙن جو رويو چڱو يا تخليقي نه هو. پر انهن جي ڪيفيت هرڪو سمجهي پئي سگهيو.

پنير جي ڳولا ڪا آسان ڳالهه نه هئي. چامڙن لاءِ هر روز آرام سان کائڻ جي پيٽ ۾ نئين ڳولا هڪ مشڪل ڪم هو. پنير جي ڳولا چامڙن جي پنهنجي خواهشن ۽ خوشين جي ماڻڻ لاءِ هڪ پيغام هو. انهن لاءِ پنير ڪهڙي معنيٰ پيو رکي. ان جي باري ۾ انهن جا خيالَ پنير جي ذائقي تي ٻڌل هئا.

ڪجهه ماڻهن لاءِ پنير جي ملڻ جو مفهوم مادي شين جو ملڻ هو. ڪن لاءِ سٺي صحت جو حصول يا وري خوشحاليءَ جي لاءِ روحاني حس کي جاڳائڻ برابر هو.

هام لاءِ پنير جو ملڻ محفوظ هئڻ جي علامت هو. هو پراميد هو ته هن پنير جي گهٽيءَ ۾ هڪ ڏينهن هو پنهنجي پياري ڪٽنب سان گڏ هڪڙي آرامده گهر ۾ هميشه لاءِ رهندو.

هام لاءِ پنير ٻين تي برتري حاصل ڪرڻ، خوبصورت پهاڙي علائقي ۾ هڪ محل ٺاهڻ جو خواب هو.

پنير ٻنهي لاءِ وڏي اهميت وارو هو. ٻئي چامڙا ان سوچ ۾ ٻڌل هئا


جيترو پنير توهان لاءِ
اهم هوندو اوترو ئي توهان
ان تي قابض ٿيڻ چا هيندؤ

تہ هاٿي ڇا ڪجي؟ گهٽا ڏينهن گذري ويا. ڪين اهو ئي سمجهہ ۾ آيو تہ غائب پنير اسٽيشن ”س“ تي نظر رکي وجي ۽ معلوم ڪيو وڃي تہ ڇا واقعي بہ پنير گم ٿي ويو آهي.

هو ان ناانصافيءَ ڪري چريائپ واري ڪيفيت ۾ رڙيون ڪندا ۽ پنهنجي پنهنجي منهن پٽڪندا ٿي رهيا. جي سياٽي تائين پنير نہ آيو تہ پوءِ ڇا ٿيندو؟ ڇاڪاڻ جو هنن جي مستقبل جا سڀئي منصوبا پنير جي موجودگيءَ سان وابستہ هئا.

ڇامڙن کي يقين ئي نہ پئي آيو تہ ائين بہ ڪو ٿي سگهي ٿو؟ ڪنهن بہ ڪين اڳواٽ ان خطري کان آگاهہ نہ ڪيو هو. انهن جي خيال ۾ اهو سڀ صحيح نہ ٿيو. حالتن جي اهڙي شڪل لاءِ هي ڪو مناسب طريقيڪار نہ هو.

ان رات هام ۽ هاه بک ۽ بي دليءَ جو شڪار ٿي گهر واپس وريا.

پر هلڻ کان اڳ هاه ڀت تي لکيو.

**"جيترو پنير توهان لاءِ اهم هوندو**

**اوتروئي توهان ان تي قابض ٿيڻ**

**چاهيندو"**

ٻي ڏينهن وري هام ۽ هاه پنهنجن گهرن مان پنير اسٽيشن ”س“ ڏانهن نڪتا، جتي ڪين توقع هئي ته ڪنهن نه ڪنهن طرح اهي پنير حاصل ڪري وٺندا.

پر صورتحال ۾ ڪا تبديلي نه آئي هئي. پنير اتي موجود نه هو. چامڙن ڪي ڪا ڄاڻ نه هئي ته هن صورتحال کي ڪيئن منهن ڏجي؟ غائب پنير اسٽيشن ۾ هام ۽ هاه بت لڳا بيٺا هئا.

هاه پنهنجون اکيون زور سان بند ڪري ڇڏيون ۽ هٿن سان ڪن به بند ڪري ڇڏيا. هو ڪجهه به نه ٻيو ڏسڻ چاهي. هو اهو به مڃڻ لاءِ تيار نه هو ته ڪو پنير جو مقدار هوريان هوريان ختم ٿيندو پئي ويو. سندس خيال موجب پنير کي هڪدم ڪنهن اتان چورايو آهي.

هام صورتحال جو بار بار تجزيو ڪيو ۽ آخرڪار ان جي منجهيل ذهن کي سوچن سوگهو ڪري ڇڏيو. ”آخر اهو مونسان ئي ڇو ٿو ٿئي؟“ هن رڙ ڪئي.

” اصل ۾ هتي ڇا ٿي رهيو آهي؟“

نيٺ هاه پنهنجون اکيون کوليون هيڏي هوڏي ڏٺو ۽ چوڻ لڳو: ”اهو ته ٻڌاءِ سنف ۽ سڪري ڪٿي آهن؟ ۽ ڇا تنهنجي خيال ۾ هو اسان کان وڌيڪ ٿا ڄاڻن؟“

هام نفرت مان چيو: ”انهن کي وري ڪهڙي خبر هوندي“

هام چوڻ لڳو: ”اهي ته ڪوئا آهن. اهي ته ڪنهن واقعي تيڻ سان ئي پنهنجن تاثرات جو اظهار ڪري ڇڏيندا آهن. اسان چامڙا اعليٰ نسل

جا آهيون. اسان کي ئي اهو مسئلو حل ڪرڻو آهي ۽ سچ ته پاڻ ئي ان جا اهل به آهيون."

"مان ڄاڻان ٿو ته پاڻ ئي اعليٰ نسل جا آهيون." هاه چيو. "پر هن وقت اسان کي پنهنجي اعليٰ نسل هئڻ تي هوڏ نه ڪرڻ گهرجي. ڇو جو اسان جي چئوطرف شيون تبديل ٿي رهيون آهن. هام ٿي سگهي ٿو ته اسان کي به تبديل ٿيڻو پوي، اسان کي شيون مختلف نموني اکلائڻ گهرجن."

"اسان کي ڇو تبديل ٿيڻ گهرجي؟" هام پڇيو. "اسين ڄامڙا آهيون. اسان خاص آهيون. اهو ڪجهه اسان سان ٿيڻ نه گهرجي ها ۽ جي ٿيو به آهي ته اسان کي ان جو معاوضو ضرور ملڻ گهرجي ها."

"اسان کي معاوضو ڇو ملڻ گهرجي؟" هاه پڇيو

"ڇو جو پاڻ ان جا حقدار آهيون." هام چيو

"ڪهڙي شئي جا حقدار آهيون؟" هاه ڄاڻڻ چاهيو

"اسان پنهنجي پنير جا حقدار آهيون."

"ڇو؟" هاه سوال ڪيو "ڇاڪاڻ جو اهو مسئلو اسان پيدا ناهي ڪيو." هام چوڻ لڳو: "ڪنهن ٻئي ائين ڪيو آهي ۽ اسان کي پنهنجي نقصان جو به معاوضو ملڻ گهرجي."

هاه پنهنجو خيال ظاهر ڪيو: "ڇو نه پاڻ صورتحال جي ان ڳوڙهي تجزيي کان ٻاهر نڪرون ۽ پنير کي ڪنهن ٻئي هنڌ ڳولهيون."

"نه يار!" هام چوڻ لڳو: "مان ان معاملي جي تهه تائين پهچي ئي دم پٽيندس."

جنهن وقت هام ۽ هاه ان ڇڪتاڻ ۾ هئا ته اڳتي ڇا ڪيو وڃي. سنف ۽ سڪري پنهنجي ڳولا ۾ گهڻو اڳتي نڪري ويا هئا. هو ڀولڀلين ۾ اڳتي وڌندا رهيا. اونداهن ڪمرن ۽ وڏن ورانڊن ۾ اڳيان ۽ پويان هر پنير اسٽيشن ۾ هو پنير ڳولهيندا رهيا.

انهن جي ذهن ۾ سواءِ پنير جي ٻيو ڪجهه به نه هو.

ڪجهه وقت تائين ڪين ڪجهه به نه مليو ۽ هٿندي ماريندي هو

پوليلين جي ان حصي ۾ اچي نڪتا . جتي هو اڳ ڪڏهن نه آيا هئا. يعني پنير اسٽيشن ”نون“ . هو خوشيءَ مان ٽپا ڏيڻ لڳا. ڪين اهو ڪجھه ملي ويو هو. جنھن جي انھن کي ڳولا هئي. پنير جو هڪ وڏو ذخيرو.

هنن کي پنھنجين اکين تي بلڪل به يقين نه پئي آيو. هي پنير جو سڀ کان وڏو گودام هو. ڪوئن ان کان وڏو گودام اڳ ڪڏهن به نه ڏٺو هو.

هام ۽ هاه اڃا به پنير اسٽيشن ”س“ تي ئي هئا ۽ پنھنجين حالتن جو تجزيو ڪرڻ ۾ پورا هئا. هو ٻئي پنير جي نه هئڻ جو ڏک ڀوڳي رهيا هئا. پنھنجي مايوسي، ڪاوڙ ۽ موجوده صورتحال جي لاءِ هڪ ٻئي کي ڏوهي قرار ڏئي رهيا هئا.

ڪڏهن ڪڏهن هاه جي دل ۾ پنھنجن ڪوئن دوستن سنف ۽ سڪري جو خيال ايندو هو. هو سوچڻ لڳو ته ڇا ڪوئا پنير ڳولهي چڪا هوندا؟ انکي يقين هو ته مشڪلات سان منهن ڏئي رهيا هوندا. ڇو جو پوليلين ۾ ڊڪ ڊوڙ جو مطلب هڪ غير يقيني صورت حال کي منهن ڏيڻ ئي آهي. هاه کي خبر هئي ته اها صورت حال گھٽي دير هلڻ واري ناهي. ڪڏهن ڪڏهن هن کي لڳندو هو ته سنف ۽ سڪري پنير ڳولهي مزا ڪري رهيا هوندا. هو سوچي رهيو هو ته پوليلين ۾ اڪيلائيءَ ۾ ڳولا ڪيڏو نه مزيدار عمل هوندو؟ هو خيالن ۾ گم ٿي ڪري نئين پنير جا چسڪا وٺي رهيو هو.

آهستي آهستي هو پنھنجن خيالن ۾ واضح ٿي رهيو هو. يعني نئين پنير جي ڳولا ۾ ڪاميابيءَ جا چٽا امڪان پيدا ٿيڻ لڳا هئا. تنھن ڪري هاه جي من ۾ پنير اسٽيشن ”س“ جو خيال پختو ٿي پيو.

”اسان کي هاڻي هتان ڪنھن ٻئي جاءِ تي وڃڻ گھرجي.“ اچانڪ ان رڙ ڪئي.

”نه“ هام نھه پھه وراڻيس. ”هي آرامده جڳھه آهي ۽ مونکي ڏاڍي

پسند به آهي. انهن رستن کان مان چاتو آهيان. جڏهن ته پوليلين واري مهم هڪ خطرناڪ ڪم آهي."

"اهڙي ڪا ڳالهه ناهي" هاه چيو. "ان کان اڳ به پاڻ پوليلين جي مختلف حصن منجهه پنير جي ڳولا ڪري چڪا آهيون. اهو ٻيهر به آسانيءَ سان ڪتري ٿا سگهون."

"نئين مهم جوئي لاءِ مان هاڻي ٻڍڙو ٿي چڪو آهيان." هام چوڻ لڳو. "۽ سچ اهو آهي ته مان پوليلين ۾ گم ٿيڻ ۽ احمق بڻجڻ جي لاءِ تيار ناهيان. ڇا تون ائين ڪرڻ چاهين ٿو؟"

سو ٻئي ڄامڙا پنهنجي معمول مطابق زندگي گذاريندا رهيا. اهي هر روز پنير اسٽيشن "س" ويندا هئا. اتي هاڻي پنير موجود نه هو. اهي انتظار ڪندا ۽ مايوس ٿي پنهنجن گهرن ڏانهن واپس ورندا هئا. ڊپ ۽ مايوسيءَ سندن دلين ۾ گهر ڪري ويئي هئي. جيڪو ڪي انهن سان وهي واپرجي رهيو هو اهي انکي وسارڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. ننڊ به هاڻ انهن کان رسي وئي هئي. بک ڪري ڪمزوري به وڌي وئي هئي تنهن ڪري انهن ۾ چڙ پيدا ٿي پئي هئي.

سندن گهرن ۾ هاڻي پهريان واري خوراڪ جو ذخيرو موجود نه هو. انهن جي ننڊ ختم ٿي وئي هئي ۽ پوائتا خواب اچڻ شروع ٿي ويا هئا. "هو شايد هاڻي ڪڏهن به پنير حاصل ڪري نه سگهندا" اهو وسوسو انهن جي دلين ۾ ويهي رهيو هو.

هام ۽ هاه پنير اسٽيشن "س" تي ئي نئين پنير جي لاءِ منتظر رهيا.

هام چوڻ لڳو "جي اسان ٿوري به محنت ڪيون ته اسان جون حالتون منجي سگهن ٿيون. پنير هتي ئي ڪٿي موجود آهي ۽ اهو به ممڪن آهي ته ڪنهن انکي هن ئي پٿ جي پويان لڪائي ڇڏيو هجي."

ٻي ڏينهن هامر ۽ هاه پنهنجا اوزار کڻي پنير اسٽيشن ”س“ تي پهتا. هامر ڇيٽي جهلي ۽ هاه ان تي زور سان ڌڪ هڻڻ لڳو. ۽ هڻندي ماريندي پنير اسٽيشن ”س“ جي ڀت ۾ سوراخ ٿي پيو. انهن ٽنگ ۾ اندر ڏٺو پر اتي ڪجهه به نه هو.

ٻئي ڏاڍا مايوس ٿيا، پر کين يقين هو ته مسئلي جو حل نڪري ايندو. تنهن ڪري ٻي ڏينهن به هو وري صبح سان اچي ڪم ڪي لڳا ۽ شام جو دير تائين مصروف رهيا. پر ان عمل سان سواءِ ڀت ۾ سوراخ جي ٻيو ڪجهه به حاصل ڪري نه سگهيا.

هاه کي هاٽي ڪم ۽ تخليقي سوچ ۾ فرق محسوس ٿيڻ لڳو هو. ”ٿي سگهي ٿو“ هامر چوڻ لڳو. ”اسان هن نئي جاءِ تي ويٺا رهون ۽ منتظر رهون ته ڪجهه ٿي ٿو يا نه؟ منهنجي خيال ۾ دير سوير انهن کي هتي نئي پنير رکڻو پوندو.“

هاه به انهن نئي خيالن وارو هو. هو هر روز آرام ڪرڻ لاءِ گهر ويندو هو ۽ مجبور ٿي هامر سان گڏجي پنير اسٽيشن ”س“ اچي ويندو هو. پر پنير ته ڪٿي به ڏسڻ ۾ نٿي آيو.

هاٽي ڇڪتاڻ ۽ بک ڪري ٻئي ڇامڙا ڪمزور ٿيڻ لڳا. هاه ان ڳالهه کان بيزار ٿي پيو هو ته حالتون سنوت ۾ اچڻ جو رڳو انتظار ئي ڪيو وڃي. انکي اندازو ٿيڻ شروع ٿي ويو هو ته هو جيتري دير پنير غائب اسٽيشن تي ويٺا رهندا ته حالتون ويتر خراب ٿينديون وينديون. ڇاڪاڻ جو هو پنهنجي برتري وڃائي ويٺا هئا.

نيٺ هڪ ڏينهن هاه ان صورت حال تي کلڻ لڳو. هاه، هاه، هاه، مون ڏي ڏس مان هڪ ئي عمل کي بار بار ورجائي رهيو آهيان ۽ پريشان آهيان ته حالتون بهتر ڇو نٿيون ٿين. ڇا اهو هڪ چريائپ ڀريو عمل ناهي؟ منهنجي خيال ۾ اهو بدترين رويو آهي.

هاه کي اهو خيال ڪڏهن به نه وٽيو هو ته پوليلين ۾ وري جستجو شروع ڪجي. سندس خيال موجب اهي ان پوليلين ۾ گم ٿي ختم ٿي ويندا. ڇو جو کين ان ڳالهه جي به خبر نه هئي ته پنير کي ڪهڙي جاءِ تي ڳولهجي؟ اها سوچ ان جي دل ۾ ڊپ ۽ وسوسا پيدا ڪري رهي هئي. ان کي پنهنجي چريائپ تي ڪل اچڻ لڳي.

ان هام کان پڇيو. ”اسان پنهنجا ڊوڙڻ وارا ڪپڙا ۽ جوتا ڪٿي ٽنگيا هيا؟“ انهن کي ڳولڻ ۾ به ڪافي وقت لڳو. ڇو جو انهن پنير اسٽيشن ”س“ تي پنير ملي وڃڻ کان پوءِ هر شيءِ هيڏي هوڏي اڇلي ڇڏي هئي. سندن خيال هو ته هاڻي کين انهن شين جي ڪا ضرورت ناهي.

جيئن ئي هام ڏٺو ته سندس دوست ڊوڙڻ واري ڊريس ۽ جوتا پائي رهيو آهي. هن چيو: ”ڇا تون واقعي به ٻيهر پوليلين ۾ ڳولا ڪرڻ وارو آهين؟ تون به مونسان گڏجي ان وقت جو انتظار ڇو نٿو ڪرين، جيستائين پنير ٻيهر هتي واپس نٿو اچي؟“

”هاڻي پنير هتي ڪڏهن به نه ايندو.“ هاه چوڻ لڳو. ”پر مان ان کي وري ڳولهڻ نٿو چاهيان. هاڻي ته مونکي پڪ ٿي وئي آهي ته هتي ڪڏهن به پنير واپس نه رکيو ويندو. اسان کي هاڻي پنهنجي ماضيءَ مان نڪري اچڻ گهرجي! ۽ وقت اچي ويو آهي ته اسان نئين پنير جي ڳولا ڪيون.“

جي اتي اسانکي پنير نه مليو ته پوءِ ڇا ٿيندو؟ ۽ جي اهو ڪٿي موجود آهي به ۽ اسان کي نه مليو ته ڇا ٿيندو؟“

”مونکي خبر ناهي.“ هاه چيو. هو پنهنجي دل ۾ انهن سوالن جا جواب ڪيئي ڀيرا ڏئي چڪو هو. هاڻي ته کيس لڳڻ لڳو هو ته پنهنجي اندر جي ڊپ ۽ وسوسن ئي انکي نئين ڪوشش کان پري ڪري رکيو


جي توهان
تبديل
نه ٿيندو ته
ختم ٿي ويندو

آهي.

نئين پنير جي ڳولا جي خيال جي راحت ئي ڪيس پنهنجي سگهه ڪي گڏ ڪرڻ ۾ مدد ڪئي.

هاه چوڻ لڳو: ”جڏهن حالتون منجي ويندڻيون آهن تہ گذريل وقت وري ناهي موٽي ايندو. اسان اهڙي ئي ڪيفيت مان گذري رهيا آهيون ۽ ان جو ئي نالو زندگي آهي. زندگي هر پل متجندڙ ۽ جوان آهي. اسان کي بہ پنهنجي منزل ڏانهن وڌڻ گهرجي.“

هاه پنهنجي غمگين دوست ڏانهن ڏٺو ۽ ڪيس سمجهائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. پر هام جي وسوسن ان کي ڏاڍو چيڙاڪ ڪري ڇڏيو هو ۽ هو ڪابہ ڳالهہ ٻڌڻ لاءِ تيار ئي نہ هو.

هاه پنهنجي دوست سان بدتميزي ڪرڻ نہ پيو چاهي. تنهن ڪري هو مرڪڻ لڳو. ”اهي ٻئي ڪيڏا نہ احمق لڳي رهيا هئا؟“ ان سوچيو.

جيئن هاه پنهنجي سفر لاءِ سنبري بيٺو تہ هن پنهنجو پاڻ کي ڏاڍو هلڪو ۽ تازو توانو محسوس ڪيو. ان کي پنهنجين بيوقوفين تي سواءِ کلڻ جي ٻيو ڪجهہ بہ ياد نہ رهيو. ”ماضيءَ کي وسارڻ گهرجي ۽ اڳتي وڌڻ گهرجي.“ ان رڙ ڪئي. ”اڄ اسان جو پوليلين سان مقابلو آهي.“ هاه جي ڳالهين تي هام نہ تہ مرڪيو ۽ نہ ئي ان ڪو جواب ڏنو. ويندي ويندي هاه هڪ تکو پٿر کنيون ۽ هام جي لاءِ سنجيده خيال هڪ موڙ تي لکيو. ان اميد سان تہ شايد اهو پڙهي هو مرڪي پئي. ۽ تازو توانو ٿي نئين پنير جي ڳولا ۾ نڪري پئي. پر هام ان لکت کي ڏسڻ بہ ضروري نہ سمجهيو.

لکت ڪجهہ هيئن هئي.

**”جي توهان تبديل نہ ٿيندو تہ ختم ٿي ويندو“**


جي توهان ڊنل نا هيو ته
پوءِ مقابلو چو نٿا ڪريو

هاه پنهنجو ڪنڌ مٿي ڪنيو ۽ پوليلين جي اونهائين ڏانهن بيچينيءَ مان ڏسڻ شروع ڪيو. هو سوچڻ لڳو ته هو ڪيئن پنير غائب اسٽيشن تي ڦاسي پيو هو.

”تي سگهي ٿو ته هاٿي پوليلين مان پنير ختم ٿي چڪو هجي. اهو به ته هو پنير ڳولهي به سگهي الائي نه!“ انهن پوائنٽن خوابن انکي بيساهو ۽ بيڪار ڪري ڇڏيو. هاه مرڪيو. انکي خبر هئي ته هام چا سوچي رهيو آهي. يعني سندن خوابن جو چور ڪير آهي؟ پر هاه ان ڳالهه تي ڏڪاٿو هو ته هو پهريان ڇو نه سجاڳ ٿيو ۽ پنير ختم ٿيڻ کان اڳ نئين راهن جي ڳولا ۾ ڇو ڪونه نڪتو؟

انهن پوليلين ۾ پنهنجو سفر شروع ڪيو ۽ ڪنڌ ورائي هنْ اُن موڙ کي ڏٺو جتان هن اچ پنهنجو سفر شروع ڪيو هو. نون رستن کي ڏسي هن کي ڪجهه راحت ملي. ڪيس محسوس ٿي رهيو هو، ته انهن چاتل سچاتل راهن تي ئي هلي رهيو آهي. جڏهن ته پنير ان کي اجا نه مليو هو.

هاه هاٿي وڌيڪ بي چين ۽ فڪرمند ٿي پيو هو! ڇا هو واقعي به هنن پوليلين منجهه هڪ نئين سفر جو ڳولائو آهي؟ هن راهہِ سفر جي نئين موڙ تي هن هڪ چوٽي لکي؛

"جي توهان ڊنل ناهيو ته پوءِ مقابلو ڇو نه ٿا ڪيو"

هن ان جملي تي غور ڪيو.

هن کي خبر هئي ته ڪڏهن ڪجهه پريشانيون چڱيون به ٿينديون آهن. جيڪڏهن توهان ڏٺي ويا ۽ رد عمل نه ڏيکاريو ته حالتون وڌيڪ خراب ٿي وينديون. ڇو جو عمل ئي توهان کي رد عمل لاءِ اڀاريندو آهي. جي توهان بلڪل به ڏٺي ويو ۽ هٿ پير هڻڻ ئي ڇڏي ڏيو ته اها بزدلي چئبي.

هن پنهنجي سڄي پاسي پوليلين جي ان حصي ڏي ڏٺو جتي هو ڀريان ڪڏهن به نه آيو هو. ان ڏٺو ساهه کنيون ۽ پوليلين جي ان حصي ڏي مڙيو ۽ آهستي آهستي اڻڌڻل راهن ڏانهن وڌندو ويو.

جيئن جيئن هو راهه ڳولهڻ لاءِ اڳتي وڌي رهيو هو ته سندس خوف ۾ واڌارو ايندو پئي ويو. هو سوچي رهيو هو ته هن پنير اسٽيشن ”س“ تي ايڏا ڏينهن ڇو وڃايا؟ ان وچ ۾ هن کي پنير بلڪل به نه مليو هو ۽ ان جي ڪمزوريءَ جي اصل وجهه به اهو ئي هو. سفر نئون ۽ ڏکيو هو! پوليلين ۾ سفر ڪرڻ هاڻي اڳ کان وڌيڪ ڏکيو ٿيندو پئي ويو. ان فيصلو ڪري ورتو ته هاڻي جي هن کي ڀيهر موقعو مليو ته هو تبديليءَ سان جلدي هڪ ٿيڻ جي ڪوشش ڪندو ڇو جو ائين ڪرڻ سان مسئلا سولا ٿي پون ٿا. پوءِ هاه هڪ ڦڪي مرڪ مرڪي ۽ کيس خيال آيو: جلد قدم نه کڻڻ کان دير سان قدم کڻڻ به بهتر آهي .

ايندڙ ڏينهن ۾ هاه کي هتي هُتي ڪجهه پنير مليو پر اهو ايڏو گهڻو نه هيو جو ان سان ڏکي عرصي تائين گذران ڪري سگهجي. ان کي اميد هئي ته هو مناسب مقدار ۾ پنير ڳولهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو ۽ ان مان ٿورو گهڻو هو هام لاءِ به بچائي وٺندو جيئن هو ان کي به پوليلين ۾ پنهنجو هم سفر بڻائي سگهي.

پر هاه اڃا گهڻو پراعتماد نه هو. کيس محسوس ٿيو ته هو پوليلين ۾

سفر دوران ذهني طرح غير واضح هو. پوليلين ۾ حالتون ماضيءَ جي پيٽ ۾ گهڻو مٿجي ويون هيون.

جيئن ڪيس اهو احساس ٿيڻ لڳو ته اجهو هو ڪامياب ٿيڻ وارو آهي ته وري ڪاريڊور جي چار ۾ اٽڪي ڦاسي تي پيو. ائين پئي لڳس ڄڻ هو ٻه قدم اڳتي ۽ هڪ قدم پوئتي هلي رهيو هجي. اها هڪ چيلنج هئي. پر پوءِ به ڪيس احساس ٿيو ته پوليلين ۾ پنير جي ڳولا مشڪل ڪم ناهي، جيئن هو سوچي رهيو هو.

جيئن جيئن وقت گذرندو پئي ويو تيئن تيئن هو وڌيڪ حيران ۽ پريشان ٿي سوچڻ لڳو ته ڇا اهو ممڪن آهي ته هو پنير جي ڳولا ۾ ڪامياب به ٿي ويندو؟. هو غور ڪري رهيو هو ته ڇا هن ڇهاڙڻ ڪان وڌيڪ پنير ڳهيو آهي. پوءِ هو اهو معلوم ڪري ڪلي پيو ته هن وٽ ته هن پل ڇهاڙڻ لاءِ به ڪجهه نه هو.

جڏهن به هن کي مايوسي گهيري ويندي هئي ته هو پنهنجي دل کي اهو باور ڪرائڻ لڳندو هو ته هو ڪهڙي مقصد لاءِ سفر ڪري رهيو آهي. توڙي جو هيءَ گهڙي ڏاڍي مشڪل آهي پر پوءِ به پنير اسٽيشن "س" جي پيٽ ۾ حالتون گهڻيون بهتر ۽ سندس هٿ ۾ آهن.

ڪيس ياد پيو ته جي سنف ۽ سڪري اهو ڪم ڪري سگهن ٿا ته پوءِ هو ڇو نٿو ڪري سگهي؟

جڏهن هاه پنهنجن معاملن تي غور ڪيو ته ڪيس لڳو پنير اسٽيشن "س" ۾ پنير هڪدم غائب نه ٿيو هو. دراصل پنير جو مقدار آهستي آهستي گهٽجندي گهٽجندي ختم ٿيو هو ۽ باقي پنير خراب ٿي ويو هو. ان جو ذائقو به مٽجي ويو هو.

پراڻو پنير سينوارجي ويو هو . هاه ان تي اڳ غور ئي نه ڪيو هو. پر دل ئي دل ۾ هن مڃيو ته جيڪڏهن اهي حالتن تي ويچارن ها ته صحيح صورتحال جو واضح اندازو ڪري پئي سگهيا. پر انهن ان ڳالهه


پنير کي سگهندا رهو
اوهان کي خبر پئي ته
جيئن
اهو خراب ته ناهي ٿي ويو؟

تي ڪڏهن به نه ويچاريو هو.

هاه ڪي احساس ٿي چڪو هو ته تبديلي اوچتو ناهي ايندي جي حالتن تي نظر رکي وڃي ته ايندڙ تبديليءَ جو اندازو پهريان ئي ڪري سگهجي ٿو. هاڻي هو راهه جي نئين موڙ تي پهچي چڪو هو. جتي هن ڪجهه هن طرح لکيو:

"پنير کي سگهندا رهو جيئن اوهان کي خبر پئي ته اهو خراب ته ناهي ٿي ويو"


نئين راه تي
هلڻ سان
اوهان هميشه
نئون پنير ماڻي سگهندو.

پوليلين ۾ پنير جي شڪل اڃا ڏسڻ ۾ نہ آئي هئي. هي سفر هن کي صدين جيترو لڳي رهيو هو. آخرڪار هاه هڪ تمام وڏي پنير اسٽيشن تي پهچي ويو جيڪا پري کان ڏاڍي خوبصورت لڳي رهي هئي. پر جڏهن هو اسٽيشن تي پهتو تہ اهو ڏسي هو مايوس ٿيو تہ اها اسٽيشن بلڪل خالي هئي.

"خاليپڻي جو اهو احساس مونکي هميشہ ٿيندو رهندو آهي." هاه سوچيو. هاڻي سندس دل ۾ آيو تہ هو پنير جي وڏيڪ ڳولا ختم ڪري.

هاه پنهنجي جسماني سگهہ کان هوريان هوريان هٿ ڌوئي رهيو هو. هن کي پڪ ٿي وئي هئي تہ هو پوليلين ۾ گم ٿي چڪو آهي ۽ هو ڏهي رهيو هو تہ شايد هاڻي هو زندهہ بہ نہ بچي. ان کي خيال آيو تہ ڇو نہ هو اڻ مهم جوئي کي اتي ئي ختم ڪري پنير اسٽيشن "س" موٽي وڃي. جيڪڏهن هو اتي واپس پهچي ويو. ڇو جو هام اتي سندس منتظر هو. گهٽ ۾ گهٽ اتي هام اڪيلو تہ نہ هوندو. پوءِ هن پاڻ کان سوال ڪيو. "جيڪڏهن مان ڏنل ناهيان تہ پوءِ مونکي ڇا ڪرڻ گهرجي؟"

اندران ئي اندران هو ڏاڍو ڏنل هو. پوءِ بہ هو ان حقيقت کي مڃڻ لاءِ تيار نہ هو. گهڻو ڪري هو اهو سمجهي نہ سگهندو هو تہ پلا آخر هو ڪهڙي شيءِ کان ڏنل آهي. هاڻوڪي ڪمزور جسماني حالت ۾ هو صرف اهو ڄاڻي پيو تہ سندس اڪيلائپ ۽ ويراني هن مهم جوئي ۾ ان کي ڏيڇاري رهي آهي. جڻ هاه کي خبر نہ هئي، پر هو پنهنجن وسوسن جي بار کان پوئتي پڇي رهيو هو. هو سوچي رهيو هو تہ ڇا هام بہ پوليلين ۾ ڪنهن پاسي نڪري ويو هوندو يا پنهنجي خوف ڪري ان ئي جاءِ تي مفلوج ٿي ويهجي ويو هوندو؟ هاه کي اهو وقت ياد هو جڏهن هن ئي پوليلين ۾ ٻئي دوست ڏاڍا خوش هئا.

اهو ڄاڻندي بہ تہ جيڪڏهن سندس دوست هام اڻ جو پيڇو ڪرڻ چاهي اڻ لاءِ ڪو نشان هئڻ گهرجي. ان رستي جي پٿر تي هي لکيو:

**"نئين راهہ تي هلڻ سان اوهان هميشہ نئون پنير ماڻي سگهندو"**



ڄڏهن اوهان وسوسن ڪان
آجا ٿيندا آهيو ته توهان کي
روحاني خوشي محسوس ٿيندي آهي.

هاه اڳيان پڪڙيل اونداهي راهہ کي ڏٺو. هو انهن راهن جي اڻڏٺي ڏپ کان واقف هو. مستقبل ۾ ڇا ٿيندو؟ ڇا ايندڙ اسٽيشن بہ خالي ملندي؟ يا ايندڙ حالتون موجوده حالتن کان وڌيڪ خراب ھونديون؟ ان هر قسم جون بچاءَ واريون ترڪيبون سوچڻ شروع ڪيون يعني اڳيان ايندڙ حالتن سان ڪيئن منهن ڏجي. ان قسم جا وسوسا ۽ خيال ڪيس لڳاتار هيسائي رهيا هئا.

پوءِ هو پنهنجو پاڻ تي ڪليو. ان کي خيال آيو تہ اهي وسوسا ئي مشڪلات پيدا ڪري رهيا آهن. جيڪڏهن هو ڊنل نہ هجي تہ پوءِ هو پڪ سان انهن راهن تي هلڻ پسند ڪندو. ان ڪري هو هڪ نئين راهہ تي هلڻ لڳو هو.

جيئن ئي هن اونداهيءَ ۾ ڊوڙڻ شروع ڪيو تہ مرڪ هن جي چپن تي پکڙجي وئي. هاه اڃا تائين پنهنجي راهہ جي مشڪلاتن کان واقف نہ هيو پر آهستي آهستي راهہ جون سموريون رنڊڪون ان تي کلنديون ويون. اها چاڻ ان جي روح جي واڌ ويجهہ ڪري رهي هئي. هو سڀ ڪجهہ وساري ۽ پڪو پهہ ڪري اڳتي وڌي رهيو هو. جڏهن تہ هو اڃا تائين پنهنجين اندرين ڪيفيتن کان واقف نہ هيو.

حيران ڪندڙ ڳالهہ اها هئي تہ هاڻي هاه کي ڏاڍو مزو اچي رهيو هو. "مان ايڏو خوش ڇو آهيان؟" هو حيران هو. "نہ مون وٽ پنير آهي ۽ نہ ئي ڪو منزل جو ڏس پتو."

جلد ئي هن کي اندازو ٿي ويو تہ هو ڇو خوش هو. هو وري بيهي رهيو تہ جيئن راهہ جي پٽر تي ڪجهہ لکي سگهي. ان جو نئون نياپو هي هيو:

**"جڏهن اوهان وسوسن کان آجا ٿيندا آهيو تہ توهان کي روحاني خوشي محسوس ٿيندي آهي"**


پنهنجو پاڻ کي نئين پنير
مان مزا ماڻيندي تصور ڪيو.
اهو تصور اوهان کي
اوهانجي منزل تائين وٺي هلندو.

هاه کي محسوس ٿيو تہ هو پنهنجي ٺي ڊپ ۾ وسوسن جو قيدي هو. هڪ نئين راهہ تي هلڻ جي عمل ان کي وسوسن کان آجو ڪري ڇڏيو هو.

هاٺي ان پوليلين جي هن حصي ۾ گهلڻ واري تڏي هوا کي محسوس ڪيو. هوا ان جي جسم کي تازو توانو ڪري رهي هئي. هن ٻہ چار ڊگها ساهہ کنيا هاٺي هو پنهنجي چال ۾ هڪ نئين سگهہ محسوس ڪري رهيو هو. پنهنجن وسوسن کان آجو ٿي هو پهريان کان وڌيڪ مطمئن ۽ خوش هو. ان سوچيو بہ نہ هو تہ هو ايڏي روحاني خوشي ماٺي سگهندو.

اهڙي اندروني خوشي ان کي وڏي عرصي کان نہ ملي هئي. هو لڳ ڀڳ وساري چڪو هو تہ زندگيءَ ۾ مزو ڪهڙو هوندو آهي.

حالتن جي بهتريءَ لاءِ هاه پنهنجي من ۾ هڪ خاڪو ٺاهڻ شروع ڪيو. ان محسوس ڪيو تہ جڻ هو مڪمل ۽ حقيقي معاملن جو مطالعو ڪري رهيو هجي.ان پنهنجو پاڻ کي پسنديده ۽ هڪ تمام وڏي پنير جي ڍير تي ويٺل محسوس ڪيو. جتي ويٺو هو پنهنجي من پسند پنير ڏاڍي مزي سان کاٺي رهيو هو. وري هن سوچيو تہ ڪيئن شين جي لذت جي خوشي محسوس ڪندو. ان جي سوچ جيترو وڌيڪ واضح ٿيندي وٺي اوتروئي هن کي نئين پنير جو ملڻ بہ چٽو نظر اچڻ لڳو. تنهن ڪري ان پنهنجي راهہ جي هڪ نئين موڙ تي ڪجهہ هيئن لکيو:

"پنهنجو پاڻ کي نئين پنير مان مزا ماٺيندي تصور ڪيو. اهو تصور اوهان کي اوهانجي منزل تائين وٺي هلندو"


جيترو جلدي اوهان
پرائي پنير ڪي وسار يندؤ
اوترو جلدي اوهان نئون پنير
حاصل ڪري سگهندو.

” اهو سڀ مون پهريان ڇو نہ سوچيو؟“ ان پاڻ کان سوال ڪيو.

پوءِ هو پوليلين ۾ نئين جوش سان ڪم ڪي لڳي ويو. جلد ئي هن هڪ نئين پنير اسٽيشن ڳولهي ورتي. هو خوش هو تہ اتي نئين پنير جا ننڍڙا ننڍڙا ٽڪرا نظر اچي رهيا هئا.

هن قسم جو پنير ان ڪڏهن بہ اڳ نہ ڏٺو هو، پر اهو تہ لذيذ بہ لڳي رهيو هو. ان پنير کي چکيو. نئون پنير واقعي مزيدار هو. ان نئين پنير جي موجود ٽڪرن مان گهڻا کائي ڇڏيا ۽ ڪجهہ هن بچائي پنهنجي کيسي ۾ رکي ڇڏيا تہ جيئن هو انهن کي ضرورت وقت ڪتب آڻي سگهي يا هام کي ان جو حصو ڏئي سگهي. هاڻي هو پنهنجي وڃايل سگهہ وري ماڻي چڪو هو.

هن پنير اسٽيشن ۾ هو خوشيءَ مان پرجي داخل ٿيو هو پر بدقسمتيءَ سان اها پنير اسٽيشن بہ خالي هئي. ائين لڳي رهيو هو ڄڻ اتي هن جي پهچڻ کان اڳ ڪو موجود هو، ۽ ڪجهہ ٽڪرن کي ڇڏي باقي پنير ختم ڪري ويو هو. ڪيس احساس ٿيڻ لڳو تہ هن راهن تي اچڻ جو فيصلو جلد ئي ڪري ها تہ پڪ سان هن جاءِ تي هن کي نئين پنير جو ڪافي مقدار ملي پوي ها.

هاه واپس ورڻ جو فيصلو ڪيو تہ جيئن هو معلوم ڪري سگهي تہ ڇا هام ان سان گڏ اچڻ لاءِ تيار آهي. جيئن ئي هن واپسيءَ جو رستو ڳولهيو تہ ان راهہ تي ڪجهہ هيئن لکيو:

**"جيترو جلدي اوهان پراڻي پنير وسار يندوُ اوترو جلدي اوهان نئون پنير حاصل ڪري سگهندو"**


پوليلين ۾
پنير جي گولا
پنير غائب اسٽيشن تي
ويهڻ ڪان بهتر آهي.

ڪجهہ وقت کان پوءِ هاه پنير اسٽيشن ”س“ تي پهتو. هام اتي موجود هو. ان هام کي نئين پنير جا ٽڪڙا ڏنا. هام اهي کائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو.

هام پنهنجي دوست جي ان جذبي جي ڏاڍي ساراهہ ڪئي. پوءِ هو چوڻ لڳو: ”مونکي نئين پنير جي ضرورت ناهي ڇاڪاڻ جو مان ان جو عادي ناهيان. مان تہ پنهنجو پراڻو پنير ئي حاصل ڪرڻ چاهيان ٿو ۽ جيستائين مان پنهنجا خواب پورا نہ ڪندس ہي جاءِ تي نہ ويندس.“

هاه مايوسي ۽ اداسيءَ مان ڪنڌ لوڏيو ۽ چپ چاپ پنهنجي راهہ سان هليو ويو. جيئن ئي هو گهٽو پري پوليلين جي هڪ نئين حصي ۾ پهتو تہ ان کي ڏاڍي خوشي ٿي پر هو ان سان گڏوگڏ پنهنجي دوست جي نہ هجڻ کي بہ محسوس ڪري رهيو هو. هاڻي هو روحاني طور تي پرسڪون هو. هو نون طريقن سان نوان سبق سکي رهيو هو. نئين پنير جو هڪ وڏو مقدار ماڻڻ کان اڳ ان کي ان ڳالهہ جو احساس ٿي چڪو هو تہ خوشي صرف پنير حاصل ڪرڻ سان ئي نہ ملندي. هو مطمئن هو. هاڻي سندس جان بہ وسوسن کان آجي ٿي پئي هئي. هو پنهنجي هر ڪم ۾ خوشي ۽ راحت محسوس ڪري رهيو هو.

ان ڃاڻ کان پوءِ هاه پنهنجو پاڻ کي ايڏو هيٺو محسوس نٿي ڪيو جيڏو هن پاڻ کي پنير غائب اسٽيشن ”س“ ۾ رهڻ وقت ڪيو هو. اهو احساس تہ هاڻي هو وسوسن کان آزاد ٿي هڪ نئين راهہ وٺي چڪو آهي ان کي اهو احساس سکھ، راحت ۽ خوشي ڏئي رهيو هو.

ڪيس لڳو تہ خوابن جي پورائيءَ ۾ رڳو وقت جي رڪاوٽ آهي. اصل ۾ هو محسوس ڪرڻ لڳو هو تہ انکي جنهن شئي جي خواهش هئي اها هو حاصل ڪري چڪو آهي.

جيئن ئي هن کي اهو محسوس ٿيو تہ هو مرڪي پيو.


پراڻا تصور اوهان کي
نئين پنير ڏانهن
نٿا وٺي وڃي سگهن.

جيئن هڪ دفعو اڳ هاه کي محسوس ٿيو هو اڄ وري احساس ٿيس ته اوهان جن تصورن کان ڊنل هوندا آهيو، اصل ۾ اهي ايڏا خراب ناهن هوندا. جيڏو اوهان جا تصور انهن کي خوفائتو بڻائي ڇڏيندا آهن. حقيقت حال انهن کان بهتر هوندي آهي.

هو نئين پنير کي ڪڏهن به حاصل نه ڪرڻ جي خيال کان ايڏو ڊنل هيو جو هن نئين راهه عمل جي باري ۾ سوچيو ئي نه. پر جڏهن هن اهو نئون سفر شروع ڪيو ته ورانڊن ۾ پکڙيل ايڏو پنير ڏٺو جو هو هاڻي پنهنجو سفر آسانيءَ سان جاري رکي پئي سگهيو. هو اجا به وڌيڪ پنير جي ڳولا ۾ هو ۽ اڳتي وڌڻ ان لاءِ مزيدار ٿيندو ٿي ويو.

ماضيءَ ۾ هاه جي سوچ وسوسن ۽ ڊپ ۾ ڦٿل هئي. هو سوچيندو رهندو هو ته هاڻي هو ڪڏهن به پنهنجي خواهش پٽاندڙ پنير ماڻي نه سگهندو؟ يا ان جو مقدار ايڏو نه هوندو جو اهو گهڻو عرصو هلي سگهي؟ ان جون حالتون ڇو خراب آهن ۽ ڪاميابيءَ جي صحيح راهه ڪهڙي آهي؟

پر سندس اها سوچ ان ڏينهن کان ختم ٿي وئي هئي جنهن ڏينهن ان پنير اسٽيشن "س" کي خدا حافظ چيو هو. اها سوچ ته پنير کي ڪڏهن به غائب نه ٿيڻ گهرجي صحيح نه هئي.

هاڻي کيس احساس ٿيو ته تبديليون نه رڳو ضروري آهن بلڪ فطري عمل جو هڪ حصو پڻ آهن ۽ لڳاتار تبديلين جو عمل جاري آهي. پوءِ ڀلي اوهان ان کي ميڃو يا نه. جي ڪا تبديلي اوهان لاءِ ٺيڪ ناهي هوندي ته اها پنهنجي اچڻ تي اوهان کي وائڙو ڪري ڇڏيندي آهي.

انکي احساس ٿيو ته هو پنهنجن خيالن کي سري کان مٿائي چڪو آهي. ان پنهنجي راهه جي هڪ موڙ تي هي لکيو:

**"پراڻا تصور اوهان کي نئين پنير ڏانهن نٿا وٺي وڃي سگهن"**


معمولي تبديليءَ کي سمجهڻ سان
وڏين تبديلين
سان هڪ ٿيڻ ۾
مدد ملندي آهي.

هاه ڪي لڳو تہ هاٿي حالتون بهتر ٿي رهيون آهن. جي هو تبديليءَ کي تڏي تي ئي ميجي وٺي ها ۽ پنير اسٽيشن ”س“ کي ڇڏي ها تہ هو جسماني ۽ روحاني طور تي بهتر هجي ها ۽ پنير جي ڳولا جي مرحلي کي بهتر انداز ۾ مڪمل ڪري سگهي ها. ۽ شايد هو گهٽو اڳ ئي نئون پنير ڳولهي وٺي ها. حقيقت اها هئي تہ جي هو تبديليءَ کان انڪار ڪرڻ جي پيٺ ۾ تبديليءَ جي ٿيڻ تي ويساهہ رکي ها تہ هو پنهنجو وڏو وقت پنير اسٽيشن ”س“ تي ويهي نہ وڃائي ها.

ان کي هاٿي معلوم ٿيو تہ جڏهن اوهان تبديليءَ کي ميجي وٺو ٿا تہ توهان وڌيڪ پراعتماد ٿي پئو ٿا ۽ تبديل ٿي نئين راهہ تي هلڻ شروع ڪيو ٿا. ڇا اوهان اهو سوچيو ٿا تہ تبديلي اوهان لاءِ نقصانده ٿي سگهي ٿي؟ جيئن جيئن توهان ان کان پاسو ڪندؤ تيئن تيئن تبديليءَ سان هڪ ٿيڻ جو عمل پري ٿيندو ويندو. پر اوهان جيڪڏهن انکي ميجي وٺو ٿا تہ پوءِ اهو رويو اوهان کي تبديليءَ سان هڪ ٿيڻ ۾ مدد ڪندو.

ان ڳالهہ جو انحصار ان تي آهي تہ ڇا اوهان تبديليءَ سان هڪ ٿي پر اعتماد ٿي ويا آهيو؟

هن راهہ جي هڪ نئين موڙ تي هي لکيو:

**"معمولي تبديلي کي سمجهڻ سان وڏين تبديلين سان هڪ ٿيڻ ۾ مدد ملندي آهي"**

هاه کي خبر هئي ته ان رويي کي اختيار ڪري هو هاڻي پنهنجو پاڻ کي ذهني طور تي بهتر محسوس ڪندو. جيڪڏهن هن تبديليءَ کي پهرين ڏينهن کان ئي ميجيو هجي ها ۽ پنير اسٽيشن ”س“ کي ڇڏي چڪو هجي ها ته هاه ذهني ۽ جسماني طور وڌيڪ سگهارو هجي ها ۽ پنير جي ڳولا جي چيلنج کي وڌيڪ سولائيءَ سان ڳولي سگهي ها. يعني جيڪڏهن هو تبديليءَ کي ٽيٽي سمجهي ها ته هاڻي تائين هو انهن سيني معاملن کي ڄاڻي وٺي ها ۽ ان عمل کان پاسو نه ڪري ها ته تبديلي اڄي چڪي هجي ها.

ان پڪو پهه ڪري ڇڏيو ته هو پوليلين ۾ پنير جي ڳولا ڪندو. هِتي هُتي پنير جو ٿورو گهڻو مقدار مليو پئي جيڪو سندس جسماني سگهه کي بحال ڪري رهيو هو.

هو سوچي رهيو هو ته ان جي نئين راهه ڪٿان شروع ٿي؟ اڄ هو هڪ ڏکيو سفر طئي ڪري چڪو هو. هاه ان ڳالهه تي ڏاڍو خوش هو ته ان پنهنجين نئين راهن تي پنهنجا ويچار لکي ڇڏيا هئا. ان اميد تي ته هڪ نه هڪ ڏينهن اهي لکٽيون پوليلين ۾ هام کي راهه جي ڳولا ۾ مددگار ثابت ٿينديون جيڪڏهن هن پنير اسٽيشن ”س“ کي ڇڏي ان جا پيرا ڪنيا.

هو پراميد هو ته هاڻي هو صحيح منزل ڏانهن وڌي رهيو آهي. ان سوچيو ته اهو ممڪن ٿي سگهي ٿو ته ڪڏهن هام انهن لکٽين کي پڙهڻ کان پوءِ هن جي پويان پويان اچي نڪري.

هاڻي هاه ماضيءَ کي وساري چڪو هو ۽ ايندڙ تبديلين سان هڪ ٿيڻ لاءِ تيار هو. هو پوليلين ۾ پنهنجي راهه جي ڳولا ۾ پرعزم اڳتي وڌي رهيو هو.

هاٿي هو پريقين هو تہ هن جو مقصد پوليلين ۾ ختم ٿيڻ وارو ناهي يا اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ اڻ جو سفر جلد ئي خوشي ۽ مسرت ماٿي ختم ٿي وڃي. آخرڪار هڪ ڏينهن هاه نئين پنير اسٽيشن ”ن“ ڳولهي ورتي.

جڏهن هو ان جڳهہ ۾ اندر داخل ٿيو تہ جيڪو ڪجهہ هن اتي ڏٺو اهو حيران ۽ پريشان ڪرڻ لاءِ ڪافي هو. هر پاسي پنير جا ايڏا وڏا وڏا ڍير موجود هئا. جيترا هن پهريان ڪڏهن نہ ڏٺا هئا. انڪي پنهنجين اکين تي يقين ئي نہ پئي آيو ڇو تہ هتي پنير جا ڪجهہ قسم ان لاءِ سراسر نوان ۽ اڳ نہ ڏٺل هئا.

هو سوچڻ لڳو:”ڇا هي خواب آهي يا حقيقت؟“ اچانڪ ان کي پنهنجا پراڻا دوست سنف ۽ سڪري نظر آيا.

سنف هاه کي ڪنڊ جي لوڏ سان پليڪار ڪئي. سڪري پنهنجو چنبو لوڏيو. انهن جا ننڍڙا ننڍڙا پيٽ پرجي بال جيان ٿي پيا هئا. اهو ان ڳالهہ جو اشارو هو تہ هي گهڻي عرصي کان اتي موجود هئا.

هاه پنهنجن دوستن کان حال احوال ورتا ۽ پوءِ جلديءَ ۾ پنهنجي پسنديده پنير کي چکيو. هن پنهنجا ڪپڙا ۽ جوتا لاتا ۽ انهن کي چڱي طرح ويڙهي رکيو ڇاڪاڻ جو ڪڏهن بہ وري انهن جي ضرورت پئجي سگهي ٿي. پوءِ هو نئين پنير تي ڪري پيو. جڏهن پيٽ پرجي ويو تہ ان تازي پنير جو هڪ ٽڪڙو کنيو ۽ ان جي هڪ ٽوسٽ جي ذريعي هن نئين تبديليءَ کي پليڪار ڇيو. هاڻي هاه نئين پنير مان مزا ماڻي رهيو هو. ۽ گڏوگڏ هو پنهنجي دل ۾ اهو بہ ورجائي رهيو هو تہ هن اڄ تائين ڇا سکيو آهي؟

ڪيس احساس ٿيڻ لڳو تہ جن ڏينهن ۾ هو تبديليءَ کان ڊنل هو ان وقت پراڻو پنير هڪ شراب جيان ان جي ذهن تي طاري ٿي ويو هو جڏهن تہ پراڻو پنير حقيقت ۾ ڪڏهو ڪو ختم ٿي چڪو هو.

” اهي ڪهڙا سبب هئا جن ان کي تبديل ڪيو؟ ڇا اهو بک کان مري وڃڻ جو ڊپ هو؟“ هاه مجي ورتو تہ ان ڳالهہ بہ ان کي تبديليءَ سان هڪ ٿيڻ ۾ مدد ڏني.

پوءِ هن ٿهڪ ڏنا. ڪيس احساس ٿيڻ لڳو تہ جڏهن کان هن پنهنجين غلطين تي ٿهڪ ڏيڻ شروع ڪيا ۽ غلطين جو تجزيو ڪرڻ شروع ڪيو. ان لمحي کان ئي تبديليءَ جو عمل شروع ٿيو. هن کي احساس ٿيو تہ تبديليءَ سان هڪ ٿيڻ جو سڀ کان تيز ذريعو غلطين جي تجزئي کان پوءِ انهن تي کلڻ ئي آهي. ائين اسان انهن کي وساري سگهندا آهيون ۽ ڦرتيءَ سان اڳتي وڌندا ويندا آهيون.

هن کي معلوم ٿيو تہ هن اڳتي وڌڻ جي سلسلي ۾ چار چڱيون ڳالهيون پنهنجن ڪوئن دوستن کان بہ سکيون آهن. اهي سادي زندگي

گذاري رهيا هئا. جڏهن پنير غائب ٿيڻ ڪان پوءِ حالتون تبديل ٿيون ته اهي ٻه پنير جي خاتمي سان گڏوگڏ تبديل ٿي ويا. هاه ان سبق کي هميشه لاءِ ڳنڍي ۾ ٻڌي ڇڏيو.

وري هاه اهو عمل ورجايو جيڪو ڪوئا نه ڀڻي ڪري سگهيا. هن پنهنجي ذهن کي استعمال ڪيو يعني ان ماضيءَ جي غلطين کي ياد ڪيو ۽ مستقبل ۾ ڪاميابيءَ جي لاءِ انهن غلطين مان سکيل سبق جي روشنيءَ ۾ منصوبه بندي ڪئي. هاڻي کيس معلوم ٿي چڪو هو ته اوهان تبديلين سان ڪيئن مهاڏو اٽڪائي سگهو ٿا:

" معاملن کي منجهائڻ نه گهرجي ۽ نه ئي وسوسن ڪان وائڙو ٿيڻ گهرجي. "

اوهان محسوس ڪري سگهو ٿا ته ننڍيون ننڍيون تبديليون ڪڏهن شروع ٿيون ته جيئن اوهان ايندڙ تبديلين سان هڪ ٿيڻ لاءِ پنهنجو پاڻ کي تيار ڪري سگهو.

کيس اها ڄاڻ پئجي وئي هئي ته تبديليءَ سان گڏ وڏي ڦرتيءَ سان هڪ ٿيڻ گهرجي ڇو ته جي اوهان مناسب وقت تي تبديل نه ٿيا ته پوءِ شايد توهان ڪڏهن به تبديل نه ٿي سگهندا.

هن کي ميٺو پيو ته تبديليءَ سان هڪ ٿيڻ جي راهه ۾ سڀ ڪان وڏي رنڊڪ اوهان جي اندر ۾ موجود آهي، يعني جيسيتائين اوهان کي پنهنجين حالتن کي متاثر ڻ جو خيال نٿو اچي تيستائين ڪنهن به عمل ۾ بهتري نه ايندي.

شايد سيني ڪان اهم معاملو جنهن جو هن کي احساس ٿيو اهو نئين پنير جو ملي وڃڻ هو. ان کي ماڻڻ ڪان اڳ توهان پلي ان کي اهم سمجهو يا نه اها هڪ معمولي ڳالهه آهي. اوهان تڏهن ئي ڪامياب ٿيو

تا جڏهن اوهان وسوسن کان پنهنجي جند آجي ڪرايو ۽ مهم جوئي مان مزو ماڻڻ شروع ڪيو.

ڪيس احساس ٿيو ته زندگيءَ ۾ اڳيان ايندڙ خطرن ڪي اهميت ڏيڻ گهرجي. ڇو ته ان عمل جو احساس اوهان ڪي حقيقي خطرن کان بچائي ٿو وٺي. اڄ ان ڪي خبر پئي ته ان جا گهڻا تڻا وسوسا ته غير منطقي هئا. انهن وسوسن ئي ان ڪي تبديليءَ سان هڪ ٿيڻ نه ڏنو جڏهن ته انکي اصل ۾ ڦڙتيءَ سان تبديل ٿيڻ گهربو هو.

ان وقت ڪيس اها ڳالهپسند نه آئي هئي. پر هاڻي هنکي خبر پئجي وئي هئي ته تبديلي هن لاءِ هڪ رحمت بڻجي آئي آهي جو نئون پنير ڳولهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. اڄ ان ڪي پنهنجين خوبين جو احساس ٿيو.

هاه ورجايو ته ان ڇا سکيو ۽ ڇا ماڻيو؟

ان ڪي پنهنجي دوست هام جو به خيال آيو. ان ڪي يقين نه پئي آيو ته سندس دوست ان جا لکيل پيغام پڙهيا يا نه؟

ڇا هام اهو فيصلو ڪيو هو ته جيڪو ٿيو سو ٿيو هاڻي اڳتي وڌڻ گهرجي؟ ڇا هو پوليلين ۾ اهو ڳولهڻ لاءِ داخل ٿيو يا نه ۽ ڪهڙا اصول هن جي زندگيءَ ۾ بهتري آڻي سگهن ٿا؟

هاه ويچاريو ته ڇا هن ڪي پنير اسٽيشن "س" ٻيهر ڏسڻ لاءِ وڃڻ گهرجي؟ ۽ ڇا هام اڃا به اتي ئي موجود هوندو؟ اهو به ويچاريندي ته ڇا هام اتي پهچڻ جو رستو ٻيهر ڳولهي سگهندو ۽ جي هام ملي به ويو ته ڇا هو ان ڪي اهو ٻڌائي سگهندو ته هو پنهنجن فيصلن کان ڪيئن جند ڇڏائي سگهي ٿو؟. پر هاه ڪي خيال آيو هو ته اڳ ئي پاڻ ڪي تبديل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري چڪو آهي. هام ڪي پنهنجي تصورن ۽ فڪرن کان پري ٿي پنهنجو رستو ڳولهڻو پوندو. اهو ڪم هن لاءِ ڪو ٻيو نٿو ڪري سگهي. هن ڪي ڪنهن نه ڪنهن طرح ان تي ويچارڻو

پوندو ته تبديلي سندس لاءِ ڪيڏي نه فائديمند ٿي سگهي ٿي؟

هاه ڪي خبر هئي ته هام لاءِ رستي جون نشانيون ڇڏي آيو آهيان ۽ جي ان انهن پيغامن کي پڙهي ورتو ته هو پنير اسٽيشن ”ن“ تي پهچي سگهي ٿو. هو پنهنجي منزل جي موڙ وٽ ويو ۽ ان اڄ تائين جن به خيالن جو اظهار ڪيو هو انهن جو هڪڙو تت لکي ورتو. جن جو مقصد اهو ته:

هن اڄ تائين ڇا سکيو آهي.



اوهان کي هميشه تبديلين لاءِ منتظر رهڻ گهرجي.

ڪوشش ڪندا رهو ته ايندڙ تبديليون اوهان جي هٿ وس رهن.

تبديلن کي پنهنجي قابوءَ ۾ رکو.

جيترو جلدي اوهان پراڻو پنير ڇڏيندؤ اوترو جلد اوهان تبديليءَ سان هڪ ٿي سگهندؤ.

تبديليءَ مان مزو ماڻڻ سکو.

تبديليءَ سان جلد هڪ ٿيڻ سکي وٺو ۽ ان مان هر هر مزو ماڻيو.

## آخري پنڙ جي لکڻي:

- تبديليون مسلسل ٿينديون رهن ٿيون.
- پنير هِتي هُتي موجود هوندو آهي.
- اوهان کي هميشہ تبديلين لاءِ تيار رهڻ گهرجي.
- پنير ڪڏهن چرپر ۾ ايندو ان وقت لاءِ تيار رهو.
- ڪوشش ڪيو تہ ايندڙ تبديليون اوهان جي قابوءَ ۾ رهن.
- تبديليءَ کي قابوءَ ۾ رکو.
- پنير کي گهڻو تڻو سنگهندا رهو تہ جيئن اوهان کي معلوم ٿي سگهي تہ اهو ڪڏهن خراب ٿيڻ وارو آهي.
- تبديليءَ سان جلد هڪ ٿي ويو.
- جيترو جلدي اوهان پراڻي پنير کي ڇڏيندؤ اوترو جلد اوهان تبديليءَ سان هڪ ٿي سگهندؤ.
- پنير سان گڏ چرپر ۾ رهو.
- تبديليءَ مان مزو ماڻڻ سکو.
- مهم جوئي مان مزو وٺي نئين پنير جو مزو چکو.
- تبديليءَ سان جلد هڪ ٿيڻ سکو ۽ ان مان هر هر مزو ماڻيو.
- پنير چرپر ۾ رهندو آهي


پنير سان گڏ چرپر ۾ رهي
اوهان ان مان مزو ماڻي ٿا سگهو.

هاه کي احساس ٿيو ته هام سان گڏ پنير اسٽيشن ”س“ تي رهڻ وقت هو جن ڪيفيتن ۾ اٽڪيل هو، هو اڄ انهن کان گهڻو پري وڃي چڪو آهي. پر جي هو وري انهن پراڻين عياشين ۾ اٽڪي پيو ته پيهر مشڪل ٿي سگهي ٿي. هاڻي هو هر روز ان نئين اسٽيشن ۾ پنير جي جاچ پڙتال ڪندو رهندو هو، اهو ڄاڻڻ لاءِ ته پنير ڪهڙي حالت ۾ آهي؟ هو پنهنجي پوري ڪوشش ۾ رهندو هو ته هاڻي هو اهڙيئن تبديلين سان هڪ ٿي وڃي.

جڏهن ته هاه وٽ چڱو خاصو پنير موجود هو پر پوءِ به هو گهڻو ڪري پوليلين جي ٻين حصن ۾ هيڏي هوڏي وڌيڪ پنير جي ڳولا ڪندو رهندو هو. گڏوگڏ هو ايندڙ تبديلين کان به باخبر رهندو ايندو هو. ان کي ڄاڻ هئي ته حقيقي امڪانن کان ڄاڻ ئي پناهه گاهه کان وڌيڪ محفوظ شيءِ آهي.

پوءِ هاه کي ائين محسوس ٿيڻ لڳو ڄڻ ڪوئي پوليلين ۾ چرپر ڪري رهيو آهي. جيئن جيئن ڪنهن جي هلڻ جو آواز وڌڻ لڳو ته هن کي لڳو ڪو هيڏانهن اچي رهيو آهي.

ڇا اهو ممڪن آهي ته هام هيڏانهن ايندو هجي؟ ڇا هو هتي پهچي سگهندو؟

هاه دل ۾ دعائون گهريون ۽ اها آس رکي ته هام هتي پهچي ويندو. جڏهن ته هو اها دعا گهڻا دفعا اڳ به گهري چڪو هو. ٿي سگهي ٿو ته سندس دوست ئي هن ڏانهن اچي رهيو آهي! حقيقت اها آهي:

**"پنير سان گڏ چرپر ۾ رهي اوهان ان مان مزو ماڻي ٿا سگهندو"**

# هڪ گفتگو

# ان ڏينهن واري
# شام جي ڳالهه

مائيڪل کهاڻيءَ جي پڇاڙيءَ تي هيڏي هوڏي ڏٺو. سڀئي دوست مرڪي رهيا هئا.

گهڻن ئي ماڻهن مڃي ورتو تہ انهن هن آکاڻيءَ مان گهڻيون ئي مفيد ڳالهيون سکيون آهن.

”ڇو نہ پاڻ ٿوڙي دير ڪان پوءِ اسان سڀئي تبديليءَ سان هڪ ٻئي واري موضوع تي ڪچهري ڪيون؟ اوهان جو ڪهڙو خيال آهي؟“ ناٿن پڇيو.

دوستن ان تي هاڪار ڪئي ۽ اهو طئي ٿيو تہ رات جو مانيءَ کان پوءِ ٿوڙي دير لاءِ ڳالهين جي محفل سجائي ويندي.

ان شام جو هو جيئن ئي هوٽل جي لائونج ۾ گڏ ٿيا تہ انهن هڪ

پئي سان ڀوڳ نڪاءَ شروع ڪري ڏنا. رڙ اها ئي تہ ڀڏاءِ تنهنجا خواب ڪيڏانهن ويا؟ ڇو تہ سڀئي هڪ جيڏا پنهنجو پاڻ کي ڀوليلين ۾ قاتل محسوس ڪري رهيا هئا.

اينجلا ڏاڍي سهٽي انداز ۾ پنهنجن دوستن کان پڇيو:

"اوهان هن آڪاٽيءَ جا ڪهڙا ڪهڙا ڪردار آهيو؟ سنف، سڪري، هام يا هاه."

ڪارلوس چيو: "اڄ مان منجهند جو اهوئي سوچيندو ئي رهيو آهيان. مونکي چٽيءَ طرح اهو وقت ياد آهي جڏهن مان راندين جو سامان وڪٽندو هئس. ۽ مونکي تبديليءَ سان منهن ڏيٽو پيو تڏهن مون ڏاڍي مزاحمت ڪئي."

"مان سنف نہ هئس. مان نہ تہ ان صورتحال کي سمجهي سگهيس ۽ نہ ئي تبديلين کي اڳواٽ محسوس ڪري سگهيس ۽ پڪ تہ مان سڪري بہ نہ هئس. مان جلد سنئين وات نہ وٺي سگهيس."

"مان اهو هئس جيڪو ڏٺل وائنل راهن تي زندگي گذارڻ چاهي پيو. حقيقت اها آهي تہ مان تبديليءَ سان مهاڏو اٽڪائڻ چاهيان ئي نہ پيو. مان تہ ان کي اک کٽي ڏسڻ لاءِ بہ تيار نہ هيس."

مائيڪل جنهن جي خيال مطابق "اسڪول جي ڏينهن کان وٺي اڄ تائين وقت هڪ جاءِ تي ڄمي ويو هو." چوڻ لڳو: "يار پاڻ ڪهڙي ڳالهہ ڀولهہ ۾ ڦاسي پيا آهيون؟"

ڪارلوس چوڻ لڳو: "پنهنجين حالتن ۾ غير متوقع تبديلين سان منهن ڏيڻ."

مائيڪل ٺهڪ ڏنو "ڇا توکي ڪنهن نوڪريءَ مان ڪڍيو ويو هو؟"

"اسان کي اهو ئي سمجهڻ گهرجي تہ مون نئين پنيرَ جي ڳولا ۾ ٻاهر نڪرڻ نہ پئي چاهيو. مون کي لڳي رهيو هو تہ مان مطمئن هئس.

منهنجو تبديلين سان واسطو نہ پوندو. اهو منهنجو غلط تصور هو. انڪري اڳتي هلي مونکي وڏيڪ پريشانين جو منهن ڏسڻو پيو.“

هن جا ٻہ ٻي دوست جيڪي پهريان چپ هئا هاڻي وڏي ڪري ان بحث ۾ شامل ٿي پيا هئا. ۽ فرينڪ فوجيءَ سميت سڀئي ڄڻا ان بحث ۾ پئجي ويا هئا.

فرينڪ (Frank) چوڻ لڳو: ”هام جو ڪردار مونکي پنهنجي هڪ دوست جي ياد ٿو ڏياري. ان جو شعبو بند ٿي رهيو هو پر ان ڳالهہ کي مڃڻ لاءِ تيار نہ هو. اسان جو ادارو ان شعبي جي ماڻهن کي هيڏي هوڏي لڳائي رهيو هو. اسان سڀ هن سان ٻين نوڪرين جي باري ۾ ڳالهائڻ پئي چاهيو جيڪي ان وقت خالي هيون ۽ اداري ۾ موجود هيون پر هن تہ تبديل ٿيڻ لاءِ سوچيو ئي نہ هيو. هو اڪيلو ئي ان وقت حيران پريشان ٿيو جڏهن ان جي شعبي کي ختم ڪيو ويو. هاڻي تبديليءَ سان هڪ ٿيڻ لاءِ انکي ڏکيائي آهي ڇو تہ هن جي خيال موجب انهن تبديلين کي ظاهر ٿيڻ نہ گهرجي ها.“

جيسيڪا چيو: ”مان بہ نٿي چاهيان تہ ڪڏهن مون سان بہ ائين ٿئي، پر منهنجن خوابن کي بہ هڪ ڪان وڏيڪ پيرا چورايو ويو آهي.“

سواءِ ناٿن جي مڙني ٺهڪ ڏنا ”شايد اهو ئي ان سبق جو مقصد هجي.“ ناٿن چيو: ”تبديليءَ جو هر ڪنهن کي منهن ڏسڻو پوندو آهي.“

”ڪاش منهنجي خاندان اها آڪاڻي اڳ ٻڌي هجي ها! بدقسمتيءَ سان اسان پنهنجي ڪاروبار ۽ زندگيءَ ۾ ايندڙ تبديلين کي مڃڻ ئي نہ چاهيندا آهيون. اهڙن معاملن ۾ گهڻو ڪري شعور دير سان ئي ايندو آهي. ان ڪري اسان کي پنهنجا ڪيترائي دڪان بند ڪرڻا پيا.“

ان واقعي سڀني کي حيران ڪري ڇڏيو ڇوتہ مڙني جو خيال هو تہ ناٿن تہ ڀاڳن وارو آهي. هو هڪ اهڙي ڪاروبار جو مالڪ آهي جنهن تي

سالن جا سال پروسو ڪري پئي سگهيو!!

”تيو ڇا؟“ جيسيڪا ڄاڻڻ پئي چاهيو.

” اسان جي ننڍن ننڍن دڪانن تي سامان جو وڪرو اوچتو هلڪو ٿيو ڇو ته وڏن دڪانن (Shopping Centers) جو رواج عام ٿي ويو هو ته هر طرح جو سامان سستي اگهه تي ملي پئي ويو. اسان انهن سان مقابلو نه پئي ڪري سگهياسين.“

” هاڻي مون سمجهيو ته سنف ۽ سڪري جي راهه تي نه پر اسان سڀ هام جي راهه تي هلڻ وارا آهيون. اسان جتان جا هئاسين اتي جا ئي رهجي وياسين ۽ تبديليءَ سان پنهنجو پاڻ کي هم آهنگ نه ڪري سگهياسين. اسان چئوطرف ٿيندڙ تبديلين کان لنوائڻ شروع ڪيو ۽ هاڻي اسان ان ڪري ئي مصيبت ۾ آهيون. اسان کي هاه کان سبق وٺڻ گهرجي.“

لورا (Laura) جيڪا هڪ ڪاروباري عورت بڻجي چڪي هئي ان ڳالهه ٻولهه کي ڌاڌي ڌيان سان ٻڌي رهي هئي. هن اڃا تائين گهٽ ڳالهايو هو. ”مون به اڄ ان آڪاٽيءَ تي غور ڪيو هو.“ هن چيو: ”مونکي سمجهه ۾ نٿو اچي ته مان ڪيئن ۽ ڪهڙي طرح هاه جي راهه تي هلي سگهان ٿي، جيئن سمجهي سگهان ته مان ڪهڙيون غلطيون ڪري رهي آهيان ۽ پاڻ مٿان کلي سگهان، تبديليءَ کي ٻيلڪار ڇئي سگهان ۽ بهتر طريقي سان پنهنجن معاملن کي چڱيءَ طرح سمجهي سگهان.“

هوءَ چوڻ لڳي: ”مان ته ان کوج ۾ آهيان ته هتي موجود ماڻهن مان ڪيترا ماڻهو تبديليءَ کان ڊنل آهن؟“ ڪنهن به جواب نه ڏنو.

تنهن وقت هن چيو: ”هٿ مٿي ڪرڻ جي باري ۾ ڇا خيال آهي؟“

صرف هڪڙو هٿ مٿي ٿيو. ”ائين ٿو لڳي ڄڻ اسان وچ ۾ رڳو هڪ ئي شخص سچو آهي.“ ان چيو: ”ٿي سگهي ٿو ته اوهان کي ايندڙ

سوال بهتر لڳي. هتي موجود ماڻهن مان ڪيترا ماڻهو سوچن ٿا ته ٻيا ماڻهو تبديليءَ کان ڊنل آهن؟"

سيني پنهنجا هٿ مٿي ڪيا ۽ ٺهڪ ڏيڻ لڳا.

"ان جو مفهوم ڇا آهي؟"

"ڪوڙ ڳالهائڻ." ناٿن چيو.

مائيڪل چوڻ لڳو: "ڪڏهن ڪڏهن اسان کي ان ڳالهه جي به خبر نه پئجي سگهندي آهي ته آيا اسان ڊنل آهيون يا نه؟ مان ميجان ٿو ته اهي معاملا منهنجي سمجهه کان مٿي آهن. جڏهن هن آڪاٽيءَ کي مون ٻهريون ٻيرو ٻڌو ته مونکي اهو سوال ڏاڍو وڻيو. جي *توهان ڊنل ناهيو ته پوءِ اوهان ڇا ڪندؤ؟*"

جيسيڪا وڏيڪ چيو: "هن آڪاٽيءَ مان مون جيڪي ڪجهه سمجهيو آهي اهو هي ته تبديلي ايندي رهندي. پوءِ ڀلي اسين ڊڄون يا ان کي پسند ڪيون يا نه. مون کي ياد آهي ته گهڻا سال اڳ جڏهن منهنجو ادارو انسائيڪلو پيڊيا وڪڻي رهيو هو. هڪ شخص اسان کي اهو سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي ته انسائيڪلوپيڊيا کي ڪمپيوٽر ڊسڪ تي آڻي ان کي بلڪل ٿوري اگهه تي وڪڻو. ائين ڪرڻ سان اسان جو خرچ گهٽ ۽ گهڻا ماڻهو انسائيڪلوپيڊيا خريد ڪري پئي سگهيا، پر اسان ان جي مخالفت ڪئي."

"اوهان ڇو مخالفت ڪئي؟" ناٿن پڇيو.

"ڇاڪاڻ جو اسان جي اداري جي ريڙهه جي هڏي، شيون کپائيندڙ (Salesman) جيڪي در در وڃي اداري جون شيون وڪرو ڪندا هئا. انهن کي اسان نيڪ ناڪ ڏوڪڙ ڏيندا هئاسين. اهي اداري جون شيون وڏي اگهه تي وڪرو ڪري رهيا هئا. اسان جو ڪاروبار وڏي وقت کان ڪاميابيءَ سان هلي رهيو هو ۽ اسان جو خيال هو ته معاملا هميشه ائين ئي هلندا رهندا."

ناٿن چوڻ لڳو: ”اها اوهان جي خواهش هئي؟“

”مان جڏهن ماضيءَ جي باري ۾ سوچيان ٿو ته خواب ڪٿي ڪري پيا: ته مون کي محسوس ٿو ٿئي ته اهي معاملا رڳو خوابن جي گم ٿيڻ تائين ناهن، پر هر خواب جو به پنهنجو هڪ وقت ٿيندو آهي ۽ پوءِ اهڙتي هلي اهي بي مقصد ٿي ويندا آهن.“

خير اسان تبديل نه ٿياسين پر هڪ ٻئي ڪاروباريءَ ان ڏس تي عمل ڪيو ۽ اسان جي شين جي خريداريءَ ۾ حد کان وڌيڪ گهٽتائي اچي وئي، اسان ڏاڍو مشڪل وقت گذاريو آهي. اڄ هڪ ٻي اهم ٽيڪنيڪل تبديلي اسان جي صنعت ۾ اچي رهي آهي. اسان جو ادارو ان سان به هڪ ٿيڻ لاءِ تيار ناهي. مونکي لڳي ٿو ته منهنجي نوڪري جلد ختم ٿي ويندي.“

ڪارلوس ڳالهايو: ”هي زمانو پوليلين ۾ رهڻ جو آهي.“ جيسيڪا وڏو ٽهڪ ڏنو.

ڪارلوس، جيسيڪا ڏانهن منهن ڪري چوڻ لڳو: ”اها سٺي ڳالهه آهي ته توهان پنهنجين غلطين تي کلي سگهو ٿا.“

فرينڪ چوڻ لڳو: ”ان آڪاٽيءَ مان مون اهو سمجهيو آهي ته مان پنهنجي سوچ تي مڙئي ڪجهه وڌيڪ سنجيده هئس. مون غور ڪيو ته هاه ۾ تبديلي ان وقت آئي جڏهن هن پنهنجين حرڪتن تي کلڻ شروع ڪيو. ان کي هاه چوڻ بلڪل صحيح آهي.“

اينجلا پڇيو: ”ڇا تنهنجي خيال ۾ هام ڪڏهن به نه تبديل ٿيو ۽ نئون پنير ماڻي نه سگهيو.“

ايلين (Elaine) چيو: ”منهنجي خيال ۾ هو به تبديل ٿي ويو هو.“

”مان تنهنجي خيال سان متفق ناهيان.“ ڪوري (Cory) چوڻ لڳو: ”ڪجهه ماڻهو ڪڏهن به تبديل ناهن ٿيندا ۽ پنهنجي غلط رويي

تبديل ڪرڻ نہ گهرجي. جهڙوڪِ مان پنهنجي بنيادي روين سان گڏ هجان، پر هاڻي اهو پڌرو ٿيو آهي تہ جي پنير سان گڏ گڏ مان بہ اڳتي رهان تہ اهو امر منهنجي ۾ حق فائديمند ٿيندو.“

رچرڊ (Richard) جيڪو هميشہ هر ڳالهہ ۾ شڪ جو عادي هو چوڻ لڳو: ”ٺيڪ آهي اها هڪ ڏاڍي ننڍڙي سهڻي آکاڻي آهي. پر تون اهو ٻڌاءِ انهن اصولن کي ڪهڙي طرح پنهنجي اداري ۾ لاڳو ڪندين؟“

انهن کي اهڙن منجهيل معاملن جي ڄاڻ نہ هئي. رچرڊ پاڻ بہ تبديلين جي دؤر مان گذري آيو هو. ويجهڙ ۾ سندس زال کان طلاق ٿي هئي. هو پنهنجن ٻارن جي سنڀال سان گڏوگڏ پنهنجي نوڪريءَ جي معاملن کي بہ هڪ ڪرو ڪرڻ چاهي پيو.

مائيڪل چوڻ لڳو: ”مان هميشہ اهو ئي سوچيندو رهيو هئس تہ منهنجي نوڪريءَ جو مقصد رڳو روزانو اڳيان ايندڙ مسئلن جو حل آهي جڏهن تہ مونکي نہ رڳو مستقبل ۾ بہ جهاتي پائڻ جي ضرورت هئي پر ان احساس کي بہ اجاگر ڪرڻ گهرجي ها تہ اسان ڪهڙي راهہ تي هلي رهيا آهيون.“

ڇا مان انهن معاملن کي هر وقت سڌو ڪندو رهندس؟ منهنجي زندگيءَ مان مزو چڙائجي ويو هو. مان گهاٽي جو ڏاند بڻجي پيو هئس ۽ هڪ دائري مان ٻاهر نہ پئي نڪري سگهيس.“

”خير مون جڏهن پهريون ڀيرو اها آکاڻي *منهنجا خواب ڪنهن چورايا؟* ٻڌي تہ مان ان ڳالهہ تي ويچارڻ لڳس تہ هاه ڪردار ڪهڙيءَ طرح پنهنجو پاڻ کي تبديل ڪيو.“ مائيڪل وڌيڪ چيو: ”مونکي احساس ٿيو تہ منهنجو ڪم نئين پنير جي باري ۾ تخليقي سوچ رکي ٿو ۽ اهو عمل ايڏو تہ سچو ۽ چٽو هئڻ گهرجي جو مان ۽ منهنجا ڀيا سنگتي تبديليءَ سان هڪ ٽيڻ جي عمل مان مزو ماڻي سگهن.“

”اها سهڻي ڳالهه آهي.“ اينجلا چوڻ لڳي. ”جو ته منهنجي ذاتي خيال موجب آڪاٽيءَ جو سڀ کان ڪارائتو ڪردار هاه جو اهو دوُر آهي جڏهن هن پنهنجي اندر جي ڊپ ۽ وسوسن مان نجات حاصل ڪئي ۽ هن پنهنجي من ۾ نئين پنير ملڻ جي آرزو جاڳائي. پوليلين ۾ ڊپ گهٽ ۽ مزو وڌيڪ اچڻ لڳو ۽ آخر ۾ ان کي سٺو انعام مليو.“

رچرڊ جيڪو انهن ڳالهين وقت ڪاوڙ ۾ ڀريو ويٺو هو چوڻ لڳو: ”منهنجا مئنيجر مونکي چوندا رهيا ته اسان جي ڪمپني هاڻي تبديلي چاهي ٿي. منهنجي خيال ۾ اينجلا جيڪو مونکي چوڻ ٿي چاهي، اهو هي ته مونکي به تبديل ٿي وڃڻ گهرجي پر مان اهو ٻڌڻ ئي نٿو چاهيان. منهنجي خيال ۾ مونکي ڪڏهن به حقيقي طرح اها خبر ئي نه پئجي سگهي هئي ته نئون پنير ڪهڙي معنيٰ رکي ٿو يعني جنهن پاسي هوءَ منهنجو ڌيان ڇڪائڻ چاهي پئي يا وري مون کي احساس ئي نه هو ته مان ڳالهه مان ڪيئن لاڀ حاصل ڪري سگهان ٿو؟“ اهو چوندي رچرڊ جي منهن تي ڪجهه افسوس جا عڪس ابري آيا. مون کي اهو ضرور مڃي وٺڻ گهرجي ته نئون پنير حاصل ڪرڻ جو منصوبو مون کي به ڏاڍو وڻيو ۽ ان ڇڪتاڻ ۾ پنير ماڻڻ جو تصور هڪ مزيدار خيال هو. اهو تصور وسوسن کي پري ڀڄائي ٿو ڇڏي ۽ اوهان کي تبديليءَ سان هڪ ڪرڻ لاءِ تيار ڪري ٿو.

” ٿي سگهي ٿو ته مان انهن اصولن کي پنهنجن گهريلو معاملن ۾ به ڪتب آڻيان.“ هو چوڻ لڳو: ”منهنجن ٻارن جو خيال آهي ته انهن جي زندگيءَ ۾ ڪڏهن به ڪا تبديلي نٿي اچي سگهي.“ اهي ناراض آهن. منهنجي خيال ۾ اهي ان ڪري ڊنل آهن ته مستقبل ۾ انهن لاءِ ڇا رکيل آهي؟ ٿي سگهي ٿو ته مان نئين پنير جي باري ۾ انهن کي حقيقت کان واقف ڪري ناهيان سگهيو. شايد ان ڪري مان پاڻ به انهن معاملن کي ناهيان سمجهي سگهيو.“

سڀ دوست هاڻي بلڪل خاموش هئا. ڇوته انهن مان گهڻا پنهنجي ذاتي زندگيءَ تي غور ڪري رهيا هئا.

”ٺيڪ آ“ ايلين چيو: ”هتي ويٺل گهڻا ماڻهو پنهنجين نوڪرين جي باري ۾ ڳالهيون ڪري رهيا آهن پر مون جيئن ئي هيءَ آڪاڻي ٻڌي ته مان پنهنجي ذاتي زندگيءَ جي باري ۾ ويچارڻ لڳس. منهنجي خيال ۾ منهنجا هاٺوڪا لڳ لاڳاپا پراڻي پنير جهڙا آهن جنهن جو چڱو خاصو اثر اڄا موجود آهي.“

ڪوري ان ڳالهه سان متفق ٿيندي ڪلي پئي. ”مون سان به ائين ئي آهي. مون کي شايد تڙيل پکڙيل ناتن کي ڇڏڻو پوندو.“

اينجلا جواب ۾ چيو: ”شايد پراڻي پنير مان مراد پراڻا رويا آهن. جن شين کي حقيقي طرح اسان کي ڇڏڻ جي ضرورت آهي اهي رويا آهن جن جي ڪري لاڳاپا خراب ٿيندا آهن. ۽ پوءِ انسان کي سوچ ۽ عمل لاءِ بهتر طريقيڪار ڏانهن مائل ٿيڻ گهرجي.“

”واهه!“ ڪوري وري چيو: ”ڪيڏي نه خوبصورت ڳالهه آهي. نئين پنير جو مفهوم اصل ۾ نون روين کي اپنائڻ آهي.“

رچرڊ چوڻ لڳو: ”منهنجي خيال ۾ هن آکاڻيءَ ۾ گهڻائي چڱا اصول سکڻ لاءِ موجود آهن. مون کي لاڳاپن جي ختم ڪرڻ جي ڀيٽ ۾ پراڻن روين کي ڇڏڻ پسند آيو. ڇو جو انهن روين کي اپنائڻ سان پراڻو ڪڙتيل ئي نڪرندو.“

نوڪرين جي تبديلي جي ڀيٽ ۾ بهتر ائين ٿيندو ته مان اهو انسان بڻجي پوان جنهن سان گڏجڻ سان رويي ۾ تبديلي اچي ۽ مون ائين ڪيو ته شايد مون کي بهتر نوڪري ملي سگهي ٿي.“

بيڪي (Becky) جيڪا ڪنهن ٻي شهر جي رهاڪو هئي ۽ هتي دوستن جي گڏجاڻيءَ لاءِ آئي هئي. چوڻ لڳي: ”جڏهن مان آکاڻي ۽ توهان مڙني جون ڳالهيون ٻڌي رهي هيس ته مون کي پنهنجو پاڻ تي

ڪل آئي. ايڏو عرصو مان هامر جهڙي سوچ جي مالڪيائي هيس، معنيٰ ايندڙ تبديلين کان ڊنل. مون ڪڏهن اهو نه سوچيو هو ته ڪيڏا نه پيا ٻه ماڻهو ان سوچ جا مالڪ آهن. ۽ مون کي لڳي ٿو ته مون اهي رويا پنهنجن ٻارن کي ٻه سيکاري ڇڏيا آهن اهو ڄاڻڻ بنا ته انهن مان ڪهڙا نقصان ٿي سگهن ٿا؟"

"جيئن جيئن مان ان جي باري ۾ سوچيان ٿي ته مون کي احساس ٿو ٿئي ته تبديليءَ جو عمل اوهان کي نئين ۽ ڀلي پنير جي رستي تي وٺي وڃي سگهي ٿو. ها پر شايد اوهان ڊنل هجو ته متان ائين نه ٿئي."

" مون کي اهو وقت ياد آهي جڏهن منهنجو پٽ اسڪول ۾ ڏاڍو خوش هو. منهنجي مڙس جي نوڪريءَ ڪري اسان کي الينوئسس (Illinois) کان ورمونٽ (Vermont) وڃڻو پيو ۽ اسان جو ٻار ان تبديليءَ تي ڏاڍو منجهي پيو هو. ڇوته هنکي پنهنجا دوست ڇڏڻا پيا هئا. هو ڏاڍو سٺو تيراڪ به هو پر ورمونٽ جي هاءِ اسڪول ۾ ترڻ جي ٽيم ئي نه هئي. تنهن ڪري هو اسان کان ڏاڍو ناراض ٿي پيو ته ڪيس اهو اسڪول ڇڏڻو پيو."

"پر ٿوري ئي وقت ۾ هن کي ورمونٽ جون پهاڙيون ڏاڍيون پسند اچي ويون. ان اسڪائينگ (skiing) ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيو ۽ پنهنجي ڪاليج جي ٽيم سان هن به حصو ورتو. هو هاڻي ڪولوراڊو ۾ خوشيءَ سان رهي رهيو آهي."

"جي اسان سڀ هن آڪاڻيءَ جي پنير مان گڏجي مزو وٺي رهيا هجون ها ۽ ان سان گڏوگڏ هڪ ڇانهه جو گرم ڪوپ به هلندو رهي ها ته اسان پنهنجن خاندانن ۾ وڏي ويل ڇڪتاڻ ۾ گهٽتائي آڻي پيا سگهون."

"جيسيڪا چوڻ لڳي: "مان هاڻي گهر وڃي رهي آهيان ۽ پنهنجي گهر وارن کي هيءَ آڪاڻي ٻڌائيندي س ۽ پنهنجن ٻارن کان پڇندي س ته

مان ڪير آهيان. سنف، سڪري، هام يا هاه. ۽ اهو به ته هو پنهنجي باري ۾ ڇا سوچي رهيا آهن اهي ڪهڙي ڪردار سان ميچ ڪائي رهيا آهن. ۽ اسان اها به ڳالهه ٻولهه ڪنداسين ته اسان جي ڪتنب جو پراڻو پنير ڪهڙو آهي؟ ۽ نئون پنير ڪهڙو ٿي سگهي ٿو؟"

"خيال سٺو آهي!" رچرڊ چوڻ لڳو.

وري فرينڪ چوڻ لڳو: "منهنجو خيال آهي ته مان هاه سان وڌيڪ ملندڙ جلندڙ آهيان ۽ پنير سان گڏ گڏ ڦري ان مان مزو ماڻيندو آهيان. مان هيءَ آکاڻي پنهنجن دوستن کي ٻڌائيندس جيڪي فوج کي ڇڏڻ کان انڪري ڊنل آهن ته تبديلي انهن تي ڪهڙا اثر ڇڏيندي؟"

مائيڪل چوڻ لڳو: "هائو! ان ئي انداز ۾ اسان پنهنجي ڪاروبار ۾ واڌارو آندو. اسان ڪيترا ڀيرا سوچيو ته پنير جي آکاڻي اسان کي ڪهڙو سبق سيکاري رهي آهي ۽ انهن اصولن کي اسان پنهنجي ڪاروبار ۾ عملي طور تي لاهي سگهون ٿا؟"

"واهه! ڏاڍو مزو آيو؛ تبديليءَ سان هڪ ٽيڻ جي باري ۾ جيڪا ڳالهه ٻولهه ٿي رهي آهي ان کي اسان هاڻي سمجهي سگهون ٿا. هيءَ ڏاڍي ڪارائتي ڳالهه ٻولهه آهي. ۽ اها اسان جي اداري تي مڪمل طور تي حاوي ٿي وئي آهي."

"ڪيئن؟" ناٿن پڇيو.

"جيئن جيئن اسان پنهنجي اداري جي مسئلن جي تهه تائين لٿاسين ته اسان کي احساس ٿيو ته ماڻهو پنهنجو پاڻ کي آڻ ڪارائتو سمجهندا آهن. اهي ڊنل هئا ۽ سوچي رهيا هئا ته متان وڏل تبديليون انهن کي ڪيئن متاثر ڪنديون؟ انڪري اهي تبديليءَ کان ڊنل هئا."

"اهو صحيح آهي ته جنهن تبديليءَ کي اوهان متان مڙهڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي ان جي مخالف ٿيندي."

مائيڪل چوڻ لڳو: "مان ته اهو ئي چئي ٿو سگهان ته ڪاش مون

پنير جي آڪاڻي گھڻو پهرين ڀڃي هجي ها."

"ڇو جو جڏهن اسان تبديلين سان هڪ ٽيڻ جي باري ۾ سوچڻ شروع ڪيو ان وقت تائين اسان جو ڪاروبار لڳ ڀڳ تباهه ٿي ويو هو ۽ اسان کي گھٽائي ورڪر جن ۾ ڪيترائي سٺا دوست پڻ شامل هئا ڪيڏنا پئجي ويا. اسان لاءِ اهو ڏاڍو ڏکيو مرحلو هو. جن ماڻهن نوڪري ڇڏي يا جيڪي اڃا تائين پنهنجي جاءِ تي موجود آهن اهو مڃن ٿا ته مائو جي آڪاڻيءَ انهن کي مشڪل حالتن سان مهاڏو اٽڪائڻ ۾ وڏي مدد ڪئي."

" اهي ماڻهو جيڪي اسان کي ڇڏي ويا هئا ۽ ٻين ادارن ۾ نوڪريون ڪرڻ لڳا هئا انهن جو چوڻ هو ته نيون حالتون انهن لاءِ ڏکيون هيون پر هن آڪاڻيءَ ۾ ٻڌايل اصولن کين حوصلو ۽ سهارو ڏنو. ائين انهن ۾ نئين سر اڏجڻ جي اُمنگ پيدا ٿي."

اينجلا پڇڻ لڳي: "انهن ڏکين حالتن ۾ ٻڌاءِ ته اها ڪهڙي ڳالهه هئي جنهن کين خود اعتمادي ۽ حوصلو ڏنو؟"

مائيڪل جو چوڻ هو ته "جيئن ئي انهن ڄڻو ڊپ ختم ٿيو ته کين احساس ٿيو ته نئون پنير ته موجود آهي ۽ سندن منتظر پڻ."

انهن ٻڌايو ته نئين پنير جي تصور ۽ خيال پنهنجو پاڻ تي اعتماد بحال ڪيو. تنهن ڪري نوڪرين لاءِ ڏنل انٽرويوئن ۾ سندن ڪارڪردگي بهتر ٿي پئي. ۽ ائين بيشمار ماڻهن کي دل گهريون نوڪريون ملي پيون."

لورا پڇيو: "انهن ماڻهن جو ڇا ٿيو جيڪي اڃا تائين ڪم ڪري رهيا آهن؟"

مائيڪل چوڻ لڳو: "اينڊز تبديلين جي باري ۾ شڪايت ڪرڻ جي بجاءِ اهي ماڻهو چوڻ لڳا ته اڻچاتل قوتن اسان جا خواب چورايا آهن. ۽ هاڻي اسان کي نوان خواب ناهڻا پوندا. ۽ هن هاڪاري رويي

اسان جو وقت زيان ٿيڻ کان بچايو ۽ ماحول ۾ پکڙيل ڇڪتاڻ ۾ گهٽتائي آندي."

"جيڪي ماڻهو تبديليءَ کي ناهن ميڃيندا تن توري ئي وقت ۾ تبديل ٿيڻ جا فائدا ڏٺا. پوءِ انهن ماڻهن تبديليءَ جي عمل سان هڪ ٿيڻ واري عمل ۾ اسان سان سهڪار ڪيو."

ڪوري چوڻ لڳي: "تنهنجي خيال ۾ ائين ڇو ٿيو؟"

"منهنجي خيال ۾ هر اداري ۾ ڪجهه مکي (Peer) قسم جا ماڻهو هوندا آهن انهن جي ڳالهه جو اثر ٻين ڪم ڪندڙن تي جلد ٿي پوندو آهي. ائين ئي اسان سان به ٿيو."

جڏهن مٿين قيادت تبديليءَ جي باري ۾ ماڻهن سان ڳالهايو ته اوهان جي اداري ۾ ڇا رد عمل ٿيو؟ ڇا گهڻن ماڻهن اهو چيو ته تبديلي چڱي شئي آهي؟

فرينڪ چوڻ لڳو: "اهي انکي خراب خيال تصور ڪرڻ لڳا."

"هون" مائيڪل چوڻ لڳو: "پر ڇو؟"

ڪارلوس چوڻ لڳو: "ماڻهو اهو ٿا چاهن ته حالتون جيئن جو تيئن رهن ڇو جو سندن خيال آهي ته شايد اها تبديلي انهن لاءِ چڱي ثابت نه ٿي. جڏهن هڪ ڏاهو ڪارڪن (Smart Person) اهو چوي ته تبديليءَ جو عمل انهن لاءِ سٺو ناهي ته ٻيا به ان جي خيال سان متفق ٿي پوندا آهن."

"ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو" مائيڪل چوڻ لڳو:"مسئلن جو تجزيو ڪرڻ بنا ئي پنهنجي راءِ ڏئي ڇڏيندا آهن ۽ ڪڏهن ته وري پنهنجو پاڻ کي مٿانهون ڪرڻ ڪري اهڙن معاملن ۾ ها ۾ ها ملائي ڇڏيندا آهن. سٺن ڪارندن جو اهو دٻاءُ گهڻو ڪري صنعتي ادارن ۾ تبديليءَ جي راهه ۾ رنڊڪ بڻجي پوندو آهي."

بيڪيءَ وڏيڪ چيو: "هڪ خاندان ۾ اها ڳالهه ٻيءُ ماءُ ۽ ٻارن

جي وچ ۾ ٿي سگهي ٿي.“ پوءِ هوءَ پڇڻ لڳي: ”ڇا پنير جي آڪاٽي ۾ ڊڻ کان پوءِ ڪن ماڻهن جو رويو مختلف هو؟“

مائيڪل چيو: ”ماڻهو انڪري به تبديل ٿي پيا ته ڪير به هام جي راهه وٺڻ لاءِ تيار نه هو.“

ناٿن سميت سيني ٺهڪ ڏنا. ناٿن چوڻ لڳو: ”اهو هڪ سٺو نڪتو آهي. منهنجي خاندان ۾ به ڪير هام جي راهه تي هلڻ لاءِ تيار ناهي. اهي ماڻهو شايد هاڻي تبديل ٿي پون. هيءَ آڪاٽي گڏريل گڏجاڻيءَ ۾ ڇو نه ٻڌائي وئي؟ اها آڪاٽي هر هڪ لاءِ انتهائي مفيد ۽ اثر انگيز آهي.“

مائيڪل هڪ ٻيو به نڪتو پيش ڪيو. ”جڏهن اسان ڏٺو ته هيءَ آڪاٽي اسان جي لاءِ ايڏي مفيد ثابت ٿي آهي ته اسان پنهنجن ڪاروباري دوستن کي به انهن اصولن کان واقف ڪيو ڇو جو اسان کي خبر هئي ته انهن جا ادارا به تبديليءَ جي عمل مان گذري رهيا آهن. اسان کين اهو سمجهايو ته شايد انهن لاءِ اسان ئي نئون پنير ثابت ٿيون. ائين کين ڪاميابيءَ جي راهه ڏيکاري. اسان سندن سٺا ڪاروباري دوست ثابت ٿياسين. ان راهه عمل ڪري اسان جي ڪاروبار ۾ به واڌارو آيو.“

ان نڪتي جيسيڪا کي اڃا به وڌيڪ نڪتن کي سمجهڻ ۾ مدد ڏني. ۽ کيس ياد ڏياريو ته انکي صبح جو اٺڳٽين نون گراهڪن سان به ملڻو آهي. ان هٿ گهڙيءَ تي نظر وڌي ۽ چوڻ لڳي: ” هاڻي مان اوهان کان اجازت گهرنديس ته جيئن هن پنير اسٽيشن کان ڪنهن ٻي پنير اسٽيشن ڏانهن وڃي سگهان.“

ويڻل ماڻهن وٺي وڏا وڏا ٺهڪ ڏنا ۽ موڪلائڻ لاءِ اٿي ڪڙا ٿيا. ڪجهه اڃا به ان ڳالهه ٻولهه کي اڳتي وڌائڻ چاهن پيا پر جيئن ته انهن کي گهڻو پري وڃڻو هو انڪري اها ڳالهه ٻولهه اتي ختم ٿي. ويندي ويندي سيني مائيڪل جا ٿيهر ٿورا مڃيا.

اهو چوڻ لڳو: ”مون کي خوشي ٿي آهي تہ اوهان هن آڪاٽيءَ کي هنجي لاءِ مفيد ڄاتو. آس اٿم تہ اوهان جلد هن کي ٻين ماڻهن تائين بہ هچائيندا تہ جيئن اهي بہ هن آڪاٽيءَ مان فائدو حاصل ڪري سگهن.